جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTI_
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | آچر 12 اپريل 2026ع بمطابق 23شوال المڪرم 1447ھ | قيمت: 20 | شمارو 186

وڏي وزير جي زير صدارت اعليٰ سطحي اجلاس، منصوبن تي تيزي سان عملدرآمد يقيني بڻايو: مراد شاه

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي صدر آصف علي زرداري جي تازي دوري چين ڪانپوءِ طئي ٿيل يادداشتن (ايم او يوز) جو جائزو ورتو

انهن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي قدمن تي غور ڪيو. اجلاس جو مقصد مختلف شعبن ۾ گڏيل منصوبن تي اڳڀرائي کي تيز ڪرڻ ۽ مربوط حڪمت عملي ذريعي وقت تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ هو

چين سان تعاون سنڌ جي انفراسٽرڪچر کي جديد بڻائڻ، صنعتي صلاحيت وڌائڻ ۽ سماجي و اقتصادي ترقي کي هٿي ڏيڻ جو هڪ اهم موقعو آهي

تمام ڪاتا رڪاوٽون ختم ڪن ۽ منصوبن تي تيزي سان عملدرآمد يقيني بڻائين اهي ايم او يوز ڪاغذن تائين محدود نہ رهڻ گهرجن، اسان کي واضح ٽائم لائنز ۽ جوابداري سان عملي اڳڀرائي گهرجي

هر منصوبي جي نگراني لاءِ هڪ فوڪل ميڪنزم قائم ڪيو وڃي ۽ باقاعدگي سان اڳڀرائي رپورٽ وزيراعليٰ آفيس کي پيش ڪئي وڃي شفافيت ۽ تيز منظوري جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي

فائر سيفٽي ۽ ايمرجنسي سروسز جي حوالي سان اجلاس ۾ چيني ڪمپنين سان گڏ جديد فائر فائٽنگ آلات، فائر ٽرڪس، ايمرجنسي رسپانس سسٽمز ۽ فائر اسٽيشنز جي قيام جي تجويزن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي صدر آصف علي زرداري جي تازي دوري چين ڪانپوءِ طئي ٿيل يادداشتن (ايم او يوز) جو جائزو ورتو ۽ انهن کي حتمي شڪل ڏيڻ جي قدمن تي غور ڪيو اجلاس جو مقصد مختلف شعبن ۾ گڏيل منصوبن تي اڳڀرائي کي تيز ڪرڻ ۽ مربوط حڪمت عملي ذريعي وقت تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاه اجلاس جي صدارت ڪندي

آمريڪا ۽ ايران ۾ ڳالهيون شروع، هي عمل خطي جي پائيدار امن ڏانهن اهم قدم ثابت ٿيندو: شهباز شريف

مانجهاندي تي ٿيل ملاقات بعد آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس وزيراعظم سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ڪيس ايران جي مطالبن ۽ موقف بابت آگاهه ڪيو ويو

ٻنهي وفدن جي تعميري انداز ۾ ڳالهين ۾ شموليت جي عزم کي ساراهيندي، وزيراعظم اميد ظاهر ڪئي تہ اهي ڳالهيون علائقي ۾ پائيدار امن ڏانهن هڪ اهم قدم ثابت ٿينديون

وزيراعظم ٻيهر ورجايو تہ پاڪستان علائقي ۾ پائيدار امن ڏانهن اڳڀرائي لاءِ ٻنهي ڌرين جي سهولتڪاري جاري رکڻ جو خواهشمند آهي. " آمريڪا فرسٽ يا اسرائيل فرسٽ، ايراني سفارتڪار

بال آمريڪا جي ڪورٽ ۾ آهي جيڪڏهن هنن آمريڪا فرسٽ جو اصول اختيار ڪيو تہ معاملا بهتر ٿي سگهن ٿا پر جيڪڏهن اسرائيل فرسٽ جو اصول اختيار ڪيو تہ معاملا نہ نهندا: ايران

آمريڪي عملدار انهن خبرن جي ترديد ڪئي آهي تہ واشنگٽن ايران جا اثاثا آزاد ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي آمريڪا قطر ۽ ٻين پرڏيهي بئنڪن ۾ رکيل ايران جا منجمد اثاثا جاري ڪرڻ تي راضي ٿي ويو آهي

وزيراعظم خطي ۾ پائيدار امن لاءِ پراميد وزيراعظم محمد شهباز شريف آمريڪا ۽ ايران جي وفدن جي تعميري ڳالهين ۾ شموليت جي عزم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي تہ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو) ايراني وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري ڪيس پنهنجي موقف ڪان آگاهه ڪيو آهي. مانجهاندي تي ٿيل ملاقات بعد آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس وزيراعظم سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ڪيس ايران جي مطالبن ۽ موقف بابت آگاهه ڪيو ويو وزيراعظم آفيس مان جاري ٿيل بيان موجب ٻنهي وفدن جي تعميري انداز ۾ ڳالهين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

بلوچستان ۾ 4.5 شدت جي زلزلي جا لوڏا

اسلام آباد (بيورو) بلوچستان جي علائقي بارکان ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، ريڪٽر ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پاڪستان ۾ لسٽڊ دوائن جي شعبي جي منافعي ۾ گذريل سال دوران 78 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ لسٽڊ دوا سازي جي شعبي ۾ گذريل سال دوران 78 سيڪڙو جو نمايان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

حماس ايران– آمريڪا ڳالهين کي ستو سنئون قرار ڏئي ڇڏيو

ايران خلاف جنگ جي مڪمل ۽ گڏيل خاتمي جي مقصد جي ڪوشش جي حمايت ڪيون ٿا

پاڪستان ۽ ٻين شريڪ ملڪن جي قيادت ۾ ٿياڪڙي جي ڪوشش ۾ ڪاميابي جا منتظر آهن : فلسطيني گروپ

تهران (م ر د) حماس ايران – آمريڪا ڳالهين کي ستو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

جنگبندي ۽ ڳالهيون: لبناني ۽ اسرائيلي اختيارين طرفان اڳاڙي تي آمريڪا ۾ ملاقات تي اتفاق

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اهي شروعاتي ڳالهيون واشنگٽن ۾ مقرر سفيرن جي ذريعي ٿيون

جيڪي تازي چڪتاڻ ڪان پوءِ هڪ اهم سفارتي اڳڀرائي قرار ڏني پئي وڃي

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي ٿياڪڙي ۾ ڳالهين ڪان اڳ لبنان ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ڦهريون رابطو ٿيو آهي. لبناني ايوان صدر طرفان جاري ڪيل بيان موج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

جنگ نہ ڳالهيون وقت جي ضرورت آهن، احسن اقبال جو عالمي برادري کي پيغام

اسلام آباد (بيورو) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خاص قدمن بابت وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

اسلام آباد : وزيراعظم شهباز شريف سان ايراني وفد ملاقات ڪندي

وفاقي سرڪار طرفان گيس جي بهتر ورهاست لاءِ اهم قدم کڻڻ جو فيصلو

نيشنل ڪوآرڊينيشن اينڊ مينجمينٽ ڪونسل (اين سي ايم سي) انهي حوالي سان سفارشون ڏئي ڇڏيون آهن

خط ۾ گيس فراهمي بهتر ٿيڻ تائين نئين آر ايل اين جي ڪنيڪشنز عارضي معطل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي

سوئي گيس جي طلب ۽ رسد جي موثر انتظامن لاءِ جامع حڪمت عملي تيار ڪرڻ جي سفارش بہ ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي سرڪار ملڪ ۾ گيس جي بهتر ورهاست جي لاءِ اهم قدم کڻڻ جو فيصلو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ناڻي وارو وفاقي وزير عالمي بينڪ ۽ آءِ ايم ايف جي بهار اجلاسن ۾ شرڪت لاءِ آمريڪا روانو

اجلاسن ۾ شرڪت کان اڳ وفاقي وزير بوسٽن جو دورو ڪندو، جتي هو هارورڊ يونيورسٽي ۾ منعقد پاڪستان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو

وفاقي وزير ڪانفرنس ۾ شريڪ ماهرن، پاليسي سازن ۽ پاڪستاني برادري سان ملاقات ڪندو

اسلام آباد (بيورو) ناڻي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

محمد اورنگزيب اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تان سعودي عرب جي ناڻي واري وزير کي رخصت ڪيو

سعودي عرب جو ناڻي وارو وزير پاڪستان جي دوري تي هو

اسلام آباد (بيورو) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات دير سان اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ايران سان ڳالهين جي ناڪامي تي اسان وٽ پلان بي موجود نہ آهي: صدر ٽرمپ

ڪنهن بہ ٻئي پلان جي ضرورت نہ آهي، ايران جي فوج شڪست کائي چڪي آهي

انهن وٽ گهٽ تعداد ۾ ميزائل رهجي ويا آهن، انهن جي پيداواري صلاحيت بہ محدود آهي اسان ايران کي سخت قسم جو نقصان پهچايو آهي

واشنگٽن (بيورو) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ ايران سان ڳالهين جي ناڪامي جي صورت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

غزه: اسرائيلي حملي ۾ غزه ۾ ٿيل تباهي جو ڏيک

پرڏيهي صحافين کي جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ هڪ ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن: عطاءالله تارڙ

پرڏيهي صحافين کي جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ هڪ ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي اعلان موجب آمريڪا ۽ ايران جي صحافين لاءِ ويزا آن ارائيول هوندي

ڪوريج لاءِ سڄي دنيا مان صحافي پاڪستان پهچي رهيا آهن. صحافين کي هڪ ئي ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

50 جي لڳ ڀڳ صحافي پاڪستان پهچي چڪا آهن. چين، سعودي عرب، جاپان، جرمني، ڪوريا سميت مختلف ملڪن ڪان صحافين ويزا جون درخواستون ڏنيون آهن

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ چيو آهي تہ پرڏيهي صحافين کي جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ هڪ ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. ڇنڇر ڏينهن پرڏيهي صحافين کي فراهم ڪيل سهولتن جي حوالي سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي اطلاعات ۽ نشريات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17


ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاه شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿينديون: سينيٽ چيئرمين

منهنجو ديره غازي خان اچڻ جو مقصد سردار ذوالفقار علي کوسه جي وفات تي سندس پونيئرن سان تعزيت جو اظهار ڪرڻ آهي

سردار ذوالفقار علي کوسہ ملڪ جو قيمتي اثاثو هو ۽ سندس پٽن جو ملڪ جي سياست ۾ اهم ڪردار آهي

منهنجي سردار ذوالفقار علي کوسہ سان پراڻي وابستگي هئي ۽ مان دعاگو آهيان تہ الله تعاليٰ مرحوم جا بلند درجا عطا فرمائي

ڊيره غازي خان (م ر د) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي تہ دنيا جي سپر پاور آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿينديون، دنيا آڏو پاڪستان جي قدر ۾ اضافو ٿيندو، اهڙن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن ڪوسہ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

غزه تي بمباري، 36 ڏينهن ۾ 107 فلسطيني مارجي ويا ۽ 342 زخمي

هن مهيني، اسرائيلي فوج جي ڪارروائين ۾ 32 فلسطيني مارجي ويا. بجلي جي نظام کي نقصان پهچڻ سبب ڊي سيلينيشن پلانٽ متاثر ٿيا

ڏکڻ علائقن ۾ لڳ ڀڳ 500,000 ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي. غزه جا ڪيترائي حصا پاڻي جي سخت کوٽ جو شڪار آهن

18,500 زخمي ماڻهو، جن ۾ 4,000 ٻار شامل آهن. طبي انخلاءِ جي انتظار ۾ آهن

غزه (م ر د) ايران–عراق جنگ دوران، اسرائيل گذريل 40 ڏينهن مان 36 ڏينهن تائين غزه تي بمباري ڪئي، عرب ميڊيا جي رپورٽن موجب، اسرائيلي جارحيت جي نتيجي ۾ 107 فلسطيني مارجي ويا ۽ 342 زخمي ٿيا. هن مهيني،/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: جيڪب آباد ڪان نادرن بائي پاس ۾ آيل جانورن جو ڏيک

مصر جو آمريڪا–ايران جنگ بندي کي علائقائي امن لاءِ بنياد بڻائڻ تي زور

صدر السيسي اها ڳالهه اٽلي جي وزيراعظم جارجيا ميلوني سان ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه دوران ڪئي

واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ تڪرارن جي حل لاءِ باضابطا ڳالهين جي شروعات انتهائي ضروري آهي

مصر جي سفارتي ڪوشش جو ذڪر ڪندي عرب ملڪن جي سلامتي ۽ خود مختياري جي مڪمل حمايت جو ورجاءُ ڪيو

قاهره (م ر د) مصر جي صدر عبدالفتاح السيسي، آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تازي جنگ بندي کي خطي ۾ وسيع امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ اهم موقعو قرار ڏيندي ان تي اڳتي وڌڻ جي ضرورت تي زور ڀريو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق مصر جي ايوان صدر مطابق صدر السيسي اها ڳالهه اٽلي جي وزيراعظم جارجيا ميلوني سان ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه دوران ڪئي، جنهن ۾ وچ اوڀر جي تازي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

گڏيل قومن جي سربراهه پاران پاڪستان جي ٿياڪڙي ۾ آمريڪا–ايران ڳالهين جي آجيان

سيڪريٽري جنرل ڌرين تي زور ڀريو آهي تہ هو ان سفارتي موقعي مان ڀرپور فائدو کڻن

نيڪ نيتي سان هڪ ڊگهي ۽ جامع معاهدي طرف اڳڀرائي ڪن، تہ جيئن چڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي

ٻيهر تڪرار جي صورتحال کان بچي سگهجي. ترجمان مطابق انتونيو گوتريش ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو

گڏيل قومون (م ر د) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش پاڪستان جي ٿياڪڙي ۾ ٿيندڙ آمريڪا – ايران ڳالهين جي آجيان ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ ٻڌايو تہ سيڪريٽري جنرل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

روشن ڊيجيٽل اڪائونٽس جي تعداد ۾ مارچ 2026ع دوران 7 هزار 993 اڪائونٽس جو اضافو

فيبروري 2026ع جي پڇاڙي تي آر ڊي ايز جو تعداد 9 هزار 407 هو

مارچ 2026ع ۾ روشن ڊيجيٽل اڪائونٽس جو تعداد 9 لک 17 هزار 400 تائين پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو) روشن ڊيجيٽل اڪائونٽس جي تعداد ۾ مارچ 2026ع دوران 7 هزار 993 اڪائونٽس جو اضافو ٿيو آهي. اسٽيٽ بينڪ آف پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پاڪستان مخالفن کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۾ اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو: سينيٽر شيري رحمان

پاڪستان کي دهشتگردي جو طعنو ڏيندڙ پارٽ لاءِ عالمي امن تي ڌيان ڏيڻ مشڪل ٿي رهيو آهي

ايران ۽ آمريڪا کي جنگ کان ڳالهين جي ميز تي آڻڻ جي حوالي سان پاڪستان جي سفارتي فتح کي ساراهيو

ٻنهي ملڪن لاءِ پنهنجي بنيادي مفادن کي برقرار رکڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ هر ملڪ پنهنجي عوامي سڃاڻپ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي

امن ڳالهين لاءِ ٻنهي ڌرين جي ميزباني ۾ پاڪستان جو ڪردار اهم آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو

اسلام آباد (بيورو) سينيٽر شيري رحمان پاڪستان جي وڌندڙ سفارتي قد ۽ ڪاٺ جي تعريف ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان اعتماد جي بحالي ۽ مخالفن کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن واضح ڪيو تہ پاڪست/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪراچي لفٽ ۾ دٻجڻ سبب هڪ شخص فوت

لفٽ هڪ 3 منزلہ عمارت ۾ نصب هئي جنهن ۾ اهو واقعو پيش آيو

واقعي جي اطلاع ملڻ ڪان پوءِ ريسڪيو اهلڪار حادثي واري هنڌ پهچي ويا

ڪراچي (رپورٽر) پي اي سي ايڇ ايس بلاڪ 2 ۾ هڪ فليٽ ۾ لفٽ ۾ دٻجي هڪ شخص فوت ٿي ويو ريسڪيو ذريعن موجب، لفٽ هڪ 3 منزلہ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سينيٽ چيئرمين پاران اتر عربي سمنڊ ۾ ڪامياب ريسڪيو آپريشن تي پاڪ بحريہ کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني اتر عربي سمنڊ ۾ پاڪ بحريہ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سون جي قيمت ۾ 700 رپيا في تولو گهٽتائي رڪارڊ

جنهن کانپوءِ في تولو سون 4 لک 97 هزار 662 روپيا مان گهٽجي 4 لک 96 هزار 962 رپيا ٿي وئي

10 گرام جي قيمت 600 رپين جي گهٽتائي سان 4 لک 26 هزار 664 رپين مان گهٽجي 4 لک 26 هزار 64 رپيا ٿي وئي

اسلام آباد (بيورو) مقامي مارڪيٽن ۾ ڇنڇر ڏينهن 24 قيراط سون جي في تولو قيمت ۾ 700 رپين جي گهٽتائي ٿي آهي، جنهن ڪانپوءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ناسا جو آرٽيمس 2 مشن ڪاميابي سان مڪمل، خلا بازن جي حفاظت سان واپسي

لاس اينجلس (بيورو) آمريڪي خلائي اداري ناسا جو آرٽيمس 2 مشن ڪاميابي سان مڪم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي: ٽريفڪ پوليس اهلڪار فينسي نمبر پليٽ ڪڍي رهيو آهي

ويساکي ميلو 2026ع: سک ياترين جون مذهبي رسمون جاري

گوردواره پنجي صاحب ۽ گوردواره مالجي صاحب ۾ حاضري ڀري ۽ مذهبي رسمون ادا ڪيون

گوردواره سري ڪياره صاحب جي بحالي نئين سر تعمير جي منصوبي جي پيڙهه جو پٿر رکيو

لاهور (م ر د) ايويڪيو ٽرسٽ بورڊ ، مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي جي انتظام هيٺ جاري ويساکي ميلو ۽ 327هين خالصہ جنم ڏ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سعودي عرب سياحت واري وزارت طرفان مڪو شريف ۽ مدينو شريف جي هوٽلن لاءِ حج ضابطا جاري

رياض (م ر د) سعودي عرب جي سياحت واري وزارت حج سيزن جي تيارين جي حوالي سان مڪو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

گوجرانوالا: مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو، ٻيو زخمي

ننڍي عمر جي ڇوڪرين سان زيادتي ڪندڙ جوابدار پنهنجي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو

مقتول جوابدار جي سڃاڻپ لياقت علي عرف منو جي نالي سان ڪئي وئي آهي

گجرانوالا (م ر د) پهلوانن جي شهر گجرانوالا ۾ هڪ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن تہ ٻئي کي زخمي حالت ۾ گرفتار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

خيرپور، پراڻي دشمني تان ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، 4 ڄڻا مارجي ويا

فوت ٿيندڙن ۾ هڪ عورت پڻ شامل آهي. واقعي ۾ ڇهه ماڻهو زخمي پڻ ٿيا آهن

پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي

خيرپور (رپورٽر) ۾ پراڻي دشمني تي ٻن گروپن ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ چار ڄڻا مارجي ويا. پوليس موجب فائرنگ جو واقعو خيرپور جي ويج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

يوسف رضا گيلاني پاران پاڪستان ويمنز فٽبال ٽيم کي فيفا سيريز 2026ع ۾ نمايان ڪاميابي تي مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پاڪستان ويمنز فٽبال ٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

شاليمار ٻيهر ڊي ريل، انتظاميا جي ڪارڪردگي تي سواليہ نشان

ٽرين لاهور جي شاهدره علائقي جي ويجهو سفر ڪندي ٻيهر پٽڙي تان لهي وئي

جنهن انتظاميا جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريا. خوشقسمتيءَ سان، ڪوچن ۾ ڪو بہ مسافر نہ هو

لاهور (م ر د) صوبائي گادي واري شهر ۾ شاليمار ايڪسپريس هڪ ڀيرو ٻيهر پٽڙي تان لهي وئي، ذريعن موجب، ٽرين لاهور جي شاهدره علائقي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي پريس ڪانفرنس ڪندي

آمريڪا ۾ ويزا فراڊ ڪيس، 10 ڀارتي شهرين تي فرد جرم لاڳو

بوسٽن ۾ وفاقي گرينڊ جيوري جوابدارن تي ويزا فراڊ جي سازش جو باضابطا الزام مڙهيو

ان ڪان اڳ مارچ ۾ انهن ماڻهن خلاف شروعاتي فوجداري شڪايت داخل ڪئي وئي هئي

انصاف واري کاتي جي بيان مطابق جوابدارن مبينا طور تي سهولت اسٽورز ۾ فرضي هٿياربند ڦورن جو منصوبو بڻايو

نيويارڪ (م ر د) آمريڪا ۾ ويزا فراڊ جي هڪ ڪيس ۾ 10 ڀارتي شهرين تي فرد جرم لاڳو ڪئي وئي آهي. آمريڪي انصاف واري کاتي مطابق جوابدارن تي الزام آهي تہ انهن ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ جعلي هٿياربند ڦورن جي سازش تيار ڪئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي
آچر 12 اپريل 2026 ع بمطابق 23 شوال المڪرم 1447ھ

تعليمي ادارا شاگردياڻين کي تحفظ ڇو نہ ڏئي سگهيا

ميرپورخاص جي محمدي ميڊيڪل ڪاليج جي ٽئين سال جي شاگرديائي فهميده لغاري جي ميينا آپگهات واري واقعي سڄي سنڌ کي ڇڪتي ۽ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هڪ نوجوان شاگرديائي، جيڪا پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان مستقبل ۾ ڊاڪٽر بڻجڻ جا خواب ڏسي رهي هئي، آخر اهڙي ذهني دٻاءُ، خوف ۽ مايوسي جو شڪار ڇو ٿي جو ڪيس پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ جهڙو انتهائي سخت قدم کڻڻو پيو؟ هي سوال صرف فهميده لغاري جي خاندان جو نہ، پر سڄي سماج، تعليمي ادارن ۽ حڪومت جي ضمير کي بہ شرمائي سگهڻ وارو آهي.

واقعي کان پوءِ وارثن پاران داخل ڪرايل ڪيس ۾ محمدي ميڊيڪل ڪاليج جي ڪجهہ استادن، شاگردن ۽ انتظاميا تي سنگين الزام هنيا ويا آهن. فريادي موجب فهميده لغاري ڪاليج اندر هراسمنٽ، بليڪ ميلنگ ۽ دٻاءُ جو شڪار هئي. الزام اهو بہ آهي تہ ڪيس مارڪن ۽ ٻين معاملن ۾ فائدو ڏيڻ جي آڙ ۾ ناجائز لاڳاپا رکڻ لاءِ مجبور ڪيو پئي ويو. وارثن جو چوڻ آهي تہ فهميده پنهنجي والدين، ڀيڻ ۽ ٻين مائٽن سان گڏوگڏ ڪاليج جي انتظاميا کي بہ ان بابت شڪايتون ڪيون هيون، پر افسوس جو انهن شڪايتن کي سنجيدگي سان نہ ورتو ويو. جيڪڏهن وقت سر مناسب قدم کنيا وڃن ها تہ شايد هڪ نوجوان شاگرديائي اهڙو انتهائي قدم نہ کڻي ها.

فهميده لغاري جي جنازي ۾ شهر جي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جيڪا ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ هي واقعو رڳو هڪ خاندان جو نہ، پر پوري سماج جو سانحو بڻجي ويو آهي. سوين اکين سان جڏهن ڪيس مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو تہ هر ماڻهوءَ جي دل ۾ اهو سوال گونجي رهيو هو تہ آخر اسان جا تعليمي ادارا شاگردياڻين کي تحفظ ڇو نٿا ڏئي سگهن؟ اسان کي اهو مڃڻو پوندو تہ تعليمي ادارا صرف علم ڏيڻ جا مرڪز ناهن، پر اهي شاگردن جي شخصيت، اعتماد ۽ تحفظ جا اهم ادارا آهن. جيڪڏهن انهن ادارن اندر شاگردياڻيون پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪن تہ اهو پوري نظام لاءِ هڪ وڏو الميو آهي. هراسمنٽ جا واقعا رڳو هڪ فرد کي نہ پر پوري سماج کي متاثر ڪن ٿا. جڏهن ڪنهن شاگرديائي کي بليڪ ميل ڪيو وڃي، ڪيس مارڪن يا ڪيريئر جي نالي تي دٻايو وڃي تہ اهو صرف اخلاقي جرم نہ پر هڪ سنگين سماجي ڏوهہ پڻ آهي.

افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ سميت ملڪ جي ڪيترن ئي تعليمي ادارن مان وقت بوقت اهڙيون شڪايتون سامهون اينديون رهيون آهن. شاگردياڻيون ڪڏهن استادن، ڪڏهن انتظاميا ۽ ڪڏهن ساٿي شاگردن جي طرفان هراسمنٽ جو شڪار ٿين ٿيون. گهڻين حالتن ۾ متاثر ڇوڪريون بدنامي جي خوف سبب خاموش رهڻ تي مجبور ٿين ٿيون. ڪجهہ حالتن ۾ جڏهن هو شڪايت ڪن ٿيون تہ سندن شڪايتن کي سنجيدگي سان نہ ورتو ويندو آهي يا معاملي کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

فهميده لغاري جو واقعو پڻ اهڙين ئي حالتن جي نشاندهي ڪري ٿو. جيڪڏهن واقعي سندس شڪايتن تي ڪاليج انتظاميا ڌيان ڏنو هجي ها، شفاف جاچ ڪئي وڃي ها، ڪيس تحفظ ۽ انصاف جو يقين ڏياريو وڃي ها تہ شايد هوءَ پنهنجي قيمتي زندگيءَ جو ايئن ڏيئو نہ اجهائي ها. اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي سماجي اڳواڻ ۽ سول سوسائٽي جا ماڻهو چئي رهيا آهن تہ هراسمنٽ جي ڪري ڪنهن کي اهڙي حد تائين پريشان ڪرڻ، جو هوءَ پنهنجي زندگي ختم ڪري ڇڏي، اهو دراصل قتل جي برابر آهي.

واقعي کان پوءِ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران پڻ سخت ردعمل سامهون آيو آهي. ڪيترن اڳواڻن چيو آهي تہ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ هراسمنٽ جا واقعا وڌي رهيا آهن، جنهن ڪري شاگردياڻين ۾ خوف پيدا ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اهڙي صورتحال جاري رهي تہ والدين پنهنجي ڌيئرن کي اعليٰ تعليم لاءِ ادارن ڏانهن موڪلڻ کان بہ هٻڪ محسوس ڪندا، جيڪا هڪ وڏي سماجي ۽ تعليمي پسماندگي جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

خوش آئند ڳالهہ اها آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺندي سنڌ جي وڏي وزير جاچ جو حڪم ڏنو آهي ۽ پوليس پاران پڻ جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. صوبائي وزيرن پاران پڻ وارثن سان همدردي جو اظهار ڪندي شفاف جاچ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. اهڙن قدمن سان اميد پيدا ٿئي ٿي تہ شايد هن معاملي جي حقيقت سامهون اچي سگهي. پر سوال اهو آهي تہ ڇا صرف نوٽيس وٺڻ سان مسئلو حل ٿي ويندو؟ ماضي ۾ بہ ڪيترن واقعن تي نوٽيس ورتا ويا، ڪميٽيون ٺهيون، جاچون ٿيون، پر ڪيترائي ڪيس وقت گذرڻ سان وسري ويا. جيڪڏهن فهميده لغاري جي ڪيس ۾ بہ ساڳيو ٿيو تہ اهو انصاف سان وڏو ظلم هوندو. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هن واقعي جي مڪمل، آزاد ۽ شفاف جاچ ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص، استاد هجي يا شاگرد، انتظاميا سان لاڳاپيل هجي يا ٻيو ڪو، هراسمنٽ ۾ ملوث ثابت ٿئي تہ ڪيس قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي. اهڙي مثال قائم ٿيڻ سان ئي ٻين کي بہ سبق ملندو. ان سان گڏ تعليمي ادارن اندر هراسمنٽ خلاف واضح ۽ مضبوط نظام قائم ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي. هر ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ هراسمينٽ شڪايتن لاءِ بااختيار ڪميٽيون هجڻ گهرجن، جتي شاگردياڻيون بغير ڪنهن خوف جي پنهنجون شڪايتون داخل ڪري سگهن. انهن ڪميٽين کي مڪمل اختيار ۽ خودمختياري هجڻ گهرجي تہ جيئن هو شفاف انداز ۾ جاچ ڪري سگهن.

ساڳي وقت والدين، استاد ۽ سماج کي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. والدين کي گهرجي تہ هو پنهنجي ٻارن سان کليل گفتگو ڪن تہ جيئن جيڪڏهن ڪين ڪنهن بہ قسم جي تڪليف يا دٻاءُ جو سامنا ٿئي تہ هو بنا خوف جي ٻڌائي سگهن. استادن کي پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ هو صرف علم ڏيڻ جا ذميوار ناهن، پر شاگردن جي عزت، تحفظ ۽ اعتماد جا محافظ پڻ آهن. فهميده لغاري جو واقعو اسان سڀني لاءِ هڪ تلخ سبق آهي. جيڪڏهن اسان اڄ بہ اکين تي پٽيون ٻڌي ويٺا رهياسين تہ شايد اهڙا واقعا ٻيهر بہ ٿيندا. ان ڪري حڪومت، تعليمي ادارن ۽ سماج کي گڏجي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو جتي شاگردياڻيون پاڻ کي محفوظ محسوس ڪن.

مُندم مينهنَ پاڻي ۽ گرمي

محمد احسان لغاري

پاڪستان جي موسمياتي کاتي پاران ايندڙ خريف لاءِ بهتر اڳڪٿي ڪئي وئي آهي زرعي شعبي سان لاڳاپيل آبادگارن، هارين نارين لاءِ ڀلي خبر آهي. مالڪ جي مهر سان پاڻي جي مقدار جا انومان واڌو آهن 6 اپريل 2026 ع تي انڊس ريور سسٽم اٿارٽي (ارسا) جي صلاح ڪاري ڪميٽيءَ آڏو پيش ڪيل تفصيلي بريفنگ دوران لاهور ۾ فلڊ فورڪاسٽنگ (ٻوڏن جي اڳڪٽي ڪندڙ) ڊويزن جي چيف ميٽرولوجسٽ ڊاڪٽر ظهير احمد بابر ٻڌايو تہ اپريل کان جون تائين ملڪ ۾ برساتون عام کان وڌيڪ ۽ گرمي پد بہ عام حالتن کان مٿي رهڻ جا چٽا امڪان آهن. اهو وقت خاص ڪري سنڌ ۾ خريف جي فصلن جي حوالي سان تمام گهڻي اهميت وارو هوندو آهي، جنهن ۾ آبادگار چانور، ڪپهہ، ڪمند، مڪائي ۽ ٻين اونهاري جي فصلن جي پوک لاءِ تياريون ڪندا آهن. اهي فصل نہ رڳو ملڪي خوراڪ جي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا، پر لکين گهرن جي روزگار جو دارومدار بہ انهن تي ئي هوندو آهي. مارچ 2026 ع جو مهينو، پڇاڙي تي واڌو مينهن وسائي ويو آهي. انهي مارچ ۾ سڄي ملڪ ۾ هن ڀيري سراسري کان وڌيڪ برساتون رڪارڊ ڪيون ويون ملڪي سطح تي برسات جو مقدار 24 سيڪڙو وڌيڪ رهيو. سنڌ صوبي ۾ سڀ کان جهجهي واڌ 129 سيڪڙو ڏني وئي، جڏهن تہ بلوچستان ۾ پڻ 57 سيڪڙو وڌيڪ برساتون ٿيون. خاص طور تي بلوچستان ۾ مارچ جي آخري هفتي دوران اولہ واري هوائن (ويسٽرن ڊسٽربنسز) سبب ٿيل زوردار برساتن انهن علائقن لاءِ سوڪهڙي جو انت آڻي ڇڏيو؛ جتي آبپاشي واري واهن جو نظام موجود ناهي ۽ جن جو مڪمل ڀروسو برساتن تي هوندو آهي. مڪران/ ساحلي بلوچستان، جنهن ۾ گوادر، پسني، اورماڙا ۽ تربت شامل آهن. اتي انهن برساتن سان نہ رڳو پاڻي جي کوٽ ۾ گهٽتائي آئي آهي. پر تلائن، ننڍن ڊيمن ۽ برساتي پاڻي گڏ ڪرڻ جي ذخيرن ۾ پاڻي جي سطح پڻ بهتر ٿي وئي آهي. اورماڙا ۾ باسول ڊيم ۾ برساتي پاڻي جو ڀريون وڏو وهڪرو اچڻ، ساحلي پٽي لاءِ پاڻي جي فراهمي جو هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏنو پيو وڃي. ڇو تہ اتي جي مقامي آبادي گهڻو ڪري برساتي پاڻي تي ئي گذارو ڪري ٿي.

هاڻ جڏهن اسان اپريل، مئي ۽ جون جي مهينن تي نظر وجهون ٿا. جيڪي خريف مند جي شروعاتي ۽ بنيادي عرصي تي مشتمل آهن. تہ پاڪستان جي موسمياتي کاتي (PMD) جي رپورٽ مطابق ملڪ جي اڪثر حصن ۾ برساتون عام کان وڌيڪ ٿيڻ جو امڪان آهي. خاص طور تي اولهندي ۽ اترين علائقن ۾ وڌيڪ برسات جي اڳڪٽي ڪئي وئي آهي، جن ۾ خيبر پختونخوا جا مرڪزي، اولهندا ۽ ڏاکڻا علائقا، پنجاب جا اولهندا حصا، گلگت بلتستان جا اولهندا علائقا ۽ بلوچستان جا اتر وارا حصا شامل آهن. ان سان گڏوگڏ اپر سنڌ (ٿرپارڪر ۽ لاڙ) ۾ بہ عام کان وڌيڪ برساتن جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن. اهي برساتون سنڌو درياهي نظام لاءِ اهم ثابت ٿينديون، ڇاڪاڻ تہ ان مينهن جي ڪري درياهن ۾ بهتر آڳاٽا وهڪرا ايندا تربيلا توڙي منگلا جهڙن وڏن ذخيرن کي ڀرڻ ۾ مدد گار ٿيندا. اڄ جي تاريخ ۾ ڊئمن ۾ ساڍا ٽي ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي موجود آهي. جيڪو آڳاٽي خريف جي ضرورتن لاءِ آٽت آهي هيل اعلان ڪيل پندرهن سيڪڙو واري آڳاٽي خريف لاءِ ڪوٽ اجان بہ گهٽ ٿيندي

ساڳئي وقت، ملڪ ۾ گرمي پد پڻ عام حالتن کان وڌيڪ رهڻ جو انديشو ظاهر ڪيو ويو آهي. خاص طور تي اترين علائقن، جهڙوڪ گلگت بلتستان، ڪشمير ۽ اتر خيبر پختونخوا ۾ گرمي پد ۾ نمايان واڌارو ٿيڻ جا امڪان آهن. اڄ بہ اسڪردو 20 ڊگري سي کان وڌي چڪو آهي؛ جنهن جو مطلب تہ برف پگهرڻ جو عمل تيز ٿيندو ۽ سنڌو ۾ آڳاٽا وهڪرا اچڻ جا امڪان وڌندا عالمي موسمي ماڊلز جي گڏيل جائزي (جنهن کي ٽرسائل پروبيبلٽي آئوٽ لُڪ چيو وڃي ٿو) موجب ملڪ جي لڳ ڀڳ سمورن علائقن ۾ وڌيڪ گرمي جو هڪ چٽو لاڙو موجود آهي، خاص طور تي ساحلي پٽي وارن علائقن ۾. سومر تيرهن اپريل کان لاڙ کان اتر تائين سنڌ ۾ گرمي جو پد 40 ڊگري سي تائين پهچندو!

چيف ميٽرولاجسٽ ٻن اهم عالمي موسمي نظامن بابت پڻ ڄاڻ ڏني، جيڪي پاڪستان جي مندن تي گهرا اثر ڇڏيندا آهن. انهن مان هڪ ايل نينو سدرن اوسيليشن (ENSO) آهي، جيڪو پيسفڪ سمنڊ/ بحرالڪاهل ۾ ٿيندڙ هڪ قدرتي موسمي ڦيرو آهي. ان جون ٽي حالتون ٿينديون آهن: ايل نينو، جنهن ۾ سمنڊ جو گرمي پد وڌي ويندو آهي؛ لا نينا، جنهن ۾ گرمي پد گهٽجي ويندو آهي؛ ۽ نيوٽرل/ اڻ ڌري حالت، جيڪا عام حالتن جي عڪاسي ڪندي آهي. عام طور تي جڏهن ايل نينو واريون حالتون هونديون آهن تہ پاڪستان ۾ خشڪ موسم ۽ ڪمزور چؤماسو هوندو آهي. جڏهن تہ لا نينا وڌيڪ برساتن جو سبب بڻجندي آهي. جڏهن ENSO نيوٽرل هجي تہ ان جو موسم تي ڪو خاص اثر نہ پوندو آهي. ٻيو اهم نظام انڊين اوشن ڊائيپول (IOD) آهي، جيڪو هندي سمنڊ ۾ گرمي پد جي فرق سان لاڳاپيل آهي. واڌو IOD دوران ڏکڻ ايشيا ۾ وڌيڪ برساتون ٿينديون آهن، جڏهن تہ منفي/ڪاٽو صورتحال ۾ برساتون گهٽجي سگهن ٿيون. هن وقت ENSO ۽ IOD ٻئي نيوٽرل/ اڻ ڌري حالت ۾ آهن. ان جو مطلب اهو آهي تہ هاڻي موسمي اڳڪٽي ٻين علائقائي ۽ عالمي ماڊلز تي وڌيڪ پاڙيندي. موسمياتي کاتو انهن ٻنهي نظامن جي مسلسل نگراني ڪندو رهندو ۽ هر مهيني ان حوالي سان نڪور ڄاڻ ڏيندو رهندو.

انهي ميٽنگ ۾ پاڻي جي دستيابي بابت پڻ انتهائي اميد جوڳا انگ اکر پيش ڪيا ويا آهن. اندازن موجب تربيلا ڊيم ۾ خريف 2026 ع دوران پاڻي ايندڙ مقدار عام سراسري جيترو رهندو. جڏهن تہ منگلا ڊيم ۾ وهڪرو تقريبن عام سطح تي رهڻ جو امڪان آهي. خريف جي شروعات ۾ ئي ذخيرن ۾ موجود مناسب پاڻي ۽ سنڌو سسٽم جي بهتريءَ سان واهن ۾ پاڻي جي وهڪرن کي مستحڪم رکندي ۽ شروع ۾ پيدا ٿيندڙ پاڻي جي کوٽ جي خدشن کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏيندي.

اڳڪٽين مان تہ لڳي ٿو تہ ايندڙ مهينا فصلن جي پوک ۽ انهن جي واڌ ويجهہ لاءِ انتهائي سازگار نظر اچي رهيا آهن. اولهندي ۽ اترين علائقن ۾ اڳڪٽي ڪيل وڌيڪ برساتون ۽ وڌندڙ گرمي پد گڏجي ابتدائي سوڪهڙي جي خطري کي ٽاري ڇڏيندا ۽ درياهن ۾ پاڻي جي وهڪري کي لڳاتار برقرار رکندا. بهرحال، موسمياتي کاتي پاران اها خبرداري پڻ ڏني وئي آهي تہ موسم ۾ ڪنهن بہ وقت تبديليون اچي سگهن ٿيون. تنهنڪري آبادگارن کي گهرجي تہ اهي سرڪاري اڳڪٽين تي نظر رکن. آبپاشي جي شيڊول تي سختي سان عمل ڪن ۽ ڪجهہ علائقن ۾ ممڪن تيز برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن.

بهتر برساتن، وڌيڪ گرمي پد ۽ پاڻي جي ذخيرن جي مضبوط صورتحال جي گڏيل اثر سان نہ رڳو آبادگارن جون اميدون وڌي ويون آهن، پر پاڻي جي انتظام ڪندڙ ادارن لاءِ پڻ هڪ متوازن ۽ اثرائتي رٿابندي جا امڪان پيدا ٿيا آهن. موسمياتي کاتو باقاعدگي سان بليٽن جاري ڪندو رهندو تہ جيئن سنڌ ۽ پنجاب جي آبادگارن کان وٺي خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان جي زميندارن تائين، هرڪو پنهنجي زمينن جي رٿابندي مڪمل اعتماد سان ڪري سگهي. گرمي واري صورتحال ۾ اسان کي زمينن سان گڏ پنهنجي بچاءُ جا گس ڳولڻ گهرجن وڻڪاري جي هاڙوڪي موسم تہ پوري ٿي، هاڻ چؤماسي جي جوين ۾ وسيع وڻڪاري ڪجي تہ ايندڙ ڪئي گرمين تي چنڊا وجهي سگهجن

قديم ماڳ ٽيڪسلا جي تحفظ لاءِ تکڙي اپيل

ايوب ملڪ

ٽيڪسلا سن 1980 ع ۾ گڏيل قومن جي اداري طرفان عالمي ثقافتي ورثي جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو هو ۽ اهو ڏکڻ ايشيا جي اهم ترين آثار قديمہ ماڳن مان هڪ آهي. هي ماڳ گنڌارا تهذيب سان لاڳاپيل هزارين سالن جي ثقافتي ڏي وٺ ۽ تاريخي تسلسل جي عڪاسي ڪري ٿو. پنجاب حڪومت جي عظيم پنجاب پروگرام ۽ ٽيڪسلا آثار قديمہ ورثو ماسٽر رٿا (2055 ع) تحت هلندڙ قدم اصل ڪنزرويشن کان هٽي ڪري وڏي پيماني تي نئين تعمير طرف وڃي رهيا آهن.

اهم ماڳن، جن ۾ موهڙا مرادو خانقاهہ، ڌرمراجڪا اسٽوپا ۽ سرڪاپ شامل آهن، بابت موجود ثبوت ظاهر ڪن ٿا تہ موجوده طريقا اصلت، سالميت ۽ آثار قديمہ جي ثبوتن کي ناقابل واپسي نقصان پهچائي سگهن ٿا. گڏيل قومن جي معيارن موجب اهڙو نقصان هن ماڳ جي غير معمولي عالمي اهميت تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. پنجاب حڪومت عظيم پنجاب پروگرام تحت 2025–26 ع لاءِ لڳ ڀڳ 60 ارب رپيا مختص ڪيا آهن تہ جيئن 60 تاريخي ماڳن جي بحالي ۽ ترقي ڪئي وڃي. هن پروگرام ۾ ٽيڪسلا کي بين الاقوامي ورثي وارو شهر بڻائڻ جو منصوبو شامل آهي. اپريل 2026 ع ۾ 3.97 ارب رپين جو هڪ منصوبو منظور ڪيو ويو جنهن جو مقصد ٽيڪسلا کي عالمي ثقافتي ۽ زيارت واري مرڪز طور ترقي ڏيڻ آهي. هن رٿا ۾ اهم ٻڌ مت ماڳن جي حفاظت، ٽيڪسلا ميوزيم جي بهتري، پنج تارن واري هوٽل جي تعمير، کليل فضائي ميوزيم ۽ گنڌارا فن ڳوٺ جي قيام شامل آهن. ٽيڪسلا آثار قديمہ ورثي جي ماسٽر رٿا (2055 ع)، جيڪا منصوبابندي ۽ ترقياتي بورڊ جي شهري اداري تيار ڪئي آهي، انهن سڀني قدمن لاءِ رهنمائي جو بنيادي خاڪو مهيا ڪري ٿي.

جيتوڻيڪ انهن قدمن کي تحفظ ۽ بحالي جي نالي سان پيش ڪيو پيو وڃي، پر عملي ثبوت ظاهر ڪن ٿا تہ ڪم آهستي آهستي اصل تحفظ بدران ٻيهر تعمير ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن عمل ۾ اصل ڍانچن تي نيون سرون لڳائڻ، جديد مواد استعمال ڪرڻ، ٽٽل يا اڌورا باقيات ٻيهر ٺاهڻ ۽ آثار قديمہ جي مٿاڇري کي فرش ڪري رسمي شڪل ڏيڻ شامل آهي. اهڙن قدمن سبب اصل تاريخي ڍانچو بصري طور تہ هم آهنگ نظر اچي سگهي ٿو، پر تاريخي لحاظ کان اهو قياسي ۽ غير اصل شڪلن ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. هن رجحان جي پٺيان ڪجهہ بنيادي مسئلا موجود آهن. ماسٽر رٿا سياحت ۽ بنيادي ڍانچي تي وڌيڪ زور ڏئي ٿي، جڏهن تہ غير معمولي عالمي اهميت جي حفاظت لاءِ واضح عملي نظام نظر نٿو اچي. ڪم گهڻو ڪري انجنيئرنگ بنيادن تي ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ آثار قديمہ ماهرن، تحفظاتي معمارن ۽ مواد جي ماهرن جي شموليت محدود آهي. نتيجي ۾ تحفظ کي هڪ ماهرانہ شعبي بدران سول ڪم جي ضمني حصي طور ورتو پيو وڃي. ان کان علاوه ورثي تي اثرن جي جائزي لاءِ واضح شرطون موجود ناهن، عالمي ورثي جي مرڪز سان صلاح مشوري جا ثبوت نظر نٿا اچن، جڏهن تہ دستاويزي، نگراني ۽ جوابدهي جا نظام بہ ڪمزور آهن.

ميدان جي سطح تي موجود ثبوت انهن خدشن جي تصديق ڪن ٿا. موهڙا مرادو خانقاهہ ۾ صحن کي مٽي واري حالت مان تبديل ڪري پٿرن سان فرش ڪيو ويو آهي، نازڪ باقيات کي نين سرن سان ڍڪيو ويو آهي، ڀڪشو خانن ۽ ٻين ڍانچن کي هڪجهڙن پٿرن سان ٻيهر ٺاهيو ويو آهي، ۽ ڪجهہ نيون معمارانہ خاصيتون شامل ڪيون ويون آهن بغير واضح آثار قديمہ بنيادن جي. سرڪاپ ۾ جديد طريقن ۽ مواد سان نون سرن جا ڍانچا ٺهندا پيا وڃن، جنهن سان قديم باقيات ۽ نئين اضافن جي وچ ۾ ظاهري تسلسل پيدا ٿي رهيو آهي. ڌرمراجڪا اسٽوپا وٽ وڏي مقدار ۾ پٿر ۽ واري گڏ ٿيڻ وڏي پيماني تي تعميراتي سرگرمي ظاهر ڪري ٿو جيڪا محدود استحڪام بدران وڌيڪ خطرا پيدا ڪري سگهي ٿي.

اهي قدم عالمي طور قبول ٿيل تحفظاتي اصولن تحت سنجيده خدشا پيدا ڪن ٿا. اهم خطرن ۾ اصل مواد جو نقصان، آثار قديمہ ۽ تهہ وار ثبوتن جو خاتمو، قياسي تعميرن جي تخليق ۽ ماڳ جي تاريخي سچائي ۾ ناقابل واپسي تبديلي شامل آهن. ثبوت ظاهر ڪن ٿا تہ مختلف ماڳن تي هڪجهڙو نمونو ڏسڻ ۾ اچي ٿو: پهريان استحڪام، پوءِ مداخلت، پوءِ ٻيهر تعمير ۽ آخر ۾ ظاهري مڪملتا. اهو تحفظ جي تصور ۽ عملي عمل ۾ هڪ بنيادي مسئلي ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جتي بصري خوبصورتي ۽ سياحتي نتيجن کي اصل ورثي جي حفاظت ۽ ثبوتن جي سالميت تي ترجيح ڏني پئي وڃي.

ٽيڪسلا صرف سرمايو ناهي پر انسانيت جي گڏيل ورثي جو حصو پڻ آهي. ان جي اهميت اصل آثار قديمہ باقيات، تهہ وار تاريخي ثبوتن ۽ غير تبديل ٿيل تاريخي ترتيب ۾ موجود آهي. جيڪڏهن اهي هڪ ڀيرو ختم ٿي وڃن تہ انهن کي اصل صورت ۾ ٻيهر پيدا ڪرڻ ممڪن ناهي. موجوده رجحان عالمي ورثي وارن ماڳن جي انتظام، ورثي وارن منظرنامن ۾ ترقي جي ڪردار ۽ ٻيهر تعمير تي ٻڌل تحفظ بابت وڏا سوال اٿاري ٿو.

ٽيڪسلا جي آثارن کي بچائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ ضروري آهن. ان ۾ جاري ڪم جو آزاد فني جائزو، اهم ماڳن تي مداخلت کي عارضي طور روڪڻ، جامع ورثي اثر جائزي جي تياري، منصوبابندي ۽ عملدرآمد جي هر مرحلي ۾ ماهرن جي شموليت، ترقي ۽ تحفظ جي مقصدن ۾ واضح فرق ۽ عالمي ورثي جي اداري سان رسمي صلاح مشورو شامل هجڻ گهرجي.

ٽيڪسلا جي موجوده صورتحال عالمي ورثي جي عملي تحفظ لاءِ هڪ اهم امتحان بڻجي چڪي آهي. اها سياحت تي ٻڌل ترقي ۽ اصلت ۽ ثبوتن تي ٻڌل تحفظ جي اصولن جي وچ ۾ وڌندڙ ٽڪراءُ کي واضح ڪري ٿي. جيڪڏهن وقت سر اصلاحاتي قدم نہ کنيا ويا تہ وڏو خطرو آهي تہ ٽيڪسلا هڪ اصل آثار قديمہ منظرنامي مان بدلجي هڪ ٺاهيل ورثي واري ماحول ۾ تبديل ٿي ويندو، جنهن سان ان جي علمي اهميت ۽ عالمي قدر ٻنهي کي نقصان پهچندو.

بقايا 01 ***

۾ شموليت جي عزم کي ساراهيندي، وزيراعظم اميد ظاهر ڪئي تہ اهي ڳالهيون علائقي ۾ پائيدار امن ڏانهن هڪ اهم قدم ثابت ٿينديون." وزيراعظم ٻيهر ورجايو تہ پاڪستان علائقي ۾ پائيدار امن ڏانهن اڳڀرائي لاءِ ٻنهي ڌرين جي سهولتڪاري جاري رکڻ جو خواهشمند آهي." آمريڪا فرسٽ يا اسرائيل فرسٽ، ايراني سفارتڪار الجزيره ايراني سفارتي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو آهي تہ ايران پنهنجي موقف کان پاڪستان کي آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ پاڪستان جي ڪوشش آهي تہ ٻنهي ڌرين کي روبرو ڳالهين لاءِ راضي ڪري، ايران جو چوڻ آهي تہ بال آمريڪا جي ڪورٽ ۾ آهي جيڪڏهن هنن آمريڪا فرسٽ جو اصول اختيار ڪيو تہ معاملو بهتر ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن اسرائيل فرسٽ جو اصول اختيار ڪيو تہ معاملات نہ ٺهندا. اسلام آباد ۾ ايران جي سفير رضا اميري ايڪس تي پيغام ۾ چيو آهي تہ اسين اهو ڏسي رهيا آهيون تہ ميزبان کي آمريڪا ڪيترو مان ڏئي ٿو. آمريڪا ايران جا منجمد اثاثا آزاد ڪرڻ تي راضي ناهي ٿيو تہ هڪ آمريڪي عملدار انهن خبرن جي ترديد ڪئي آهي تہ واشنگٽن ايران جا اثاثا آزاد ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي خبررسان ادارن رائٽرز اڄ اڳ رپورٽ ڪئي هئي تہ هڪ سينيئر ايراني ذريعن جو حوالو ڏيندي چيو هو تہ آمريڪا قطر ۽ ٻين پرڏيهي بئنڪن ۾ رکيل ايران جا منجمد اثاثا آزاد ڪرڻ تي راضي ٿي ويو آهي وزيراعظم خطي ۾ پائيدار امن لاءِ پراميد وزيراعظم محمد شهباز شريف آمريڪا ۽ ايران جي وفدن جي تعميري ڳالهين ۾ شموليت جي عزم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي تہ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهيون علائقي ۾ پائيدار امن لاءِ هڪ اهم قدم ثابت ٿينديون هن اها اميد اڄ اسلام آباد ۾ آمريڪا جي نائب صدر جي ڊي وينس سان ملاقات دوران ظاهر ڪئي وزيراعظم ورجايو تہ پاڪستان علائقي ۾ پائيدار امن لاءِ اڳڀرائي ڪرڻ ۾ ٻنهي ڌرين جي سهڪار جاري رکڻ جو خواهشمند آهي ملاقات دوران آمريڪي نائب صدر سان خاص نمائندو اسٽيو وٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر بہ گڏ هئا. جڏهن تہ وزيراعظم سان نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ گهرو وزير سينيٽر محسن رضا نقوي ملاقات ۾ شامل هئا ايران جا شرط تسليم نہ ڪيا ويا تہ ڳالهيون رد ٿي سگهن ٿيون ايراني سرڪاري طور تي اڃا ڪو بيان سامهون ناهي آيو پر اسلام آباد مان IRINN جي ايراني سرڪاري نيوز چينل تي لائيو رپورٽ ڪندڙ هڪ نامہ نگار خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن ايران جون اڳواٽ شرطون پوريون نہ ٿيون تہ ڳالهيون اڃا بہ رد ٿي سگهن ٿيون هن چيو تہ اهڙين ڳالهين مان نڪري وڃڻ، جيڪي ايران جي "مفادن، مطالبن ۽ ريڊ لائينز" جو احترام نہ ڪن، پاڻ ۾ هڪ "ڪاميابي" سمجهي وڃي سگهي ٿي، جنهن کي عملدار "جارحاڻي سفارتڪاري" سڏين ٿا اڄ صبح اڳ، نامہ نگار اهو بہ چيو تہ ايراني وفد کي سڀ کان پهرين پاڪستان جي وزيراعظم شهبازشريف سان ملاقات ڪرڻي هئي، جنهن کان پوءِ وڌيڪ تفصيل، جنهن ۾ آمريڪي وفد سان ڪنهن بہ ڳالهين جو وقت بہ شامل آهي، واضح ٿيڻ جو امڪان هو جيئن تہ هاڻي رپورٽ ڪيو ويو آهي تہ شريف سان اها ڳالهہ ٻولهہ ٿي چڪي آهي رياستي ٽي وي ايران جي شرطن ۽ ڳاڙهين لڪيرن کي اجاگر ڪري رهي آهي، گڏوگڏ آمريڪا تي اعتماد جي کوٽ جو بہ ذڪر ڪري رهي آهي رپورٽن موجب ايران وٽ مٿانهون هٿ آهي ۽ جيڪڏهن ان جون شرطون پوريون نہ ٿيون تہ اهو بغير ڳالهين جي بہ اڳتي وڌي سگهي ٿو ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف جي اڳواڻي ۾ هڪ ايراني وفد آمريڪا سان ڳالهين لاءِ اسلام آباد پهچي ويو آهي. ايراني وفد ۾ اسپيڪر باقر قاليباف، ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي، دفاعي ڪائونسل جو سيڪريٽري، مرڪزي بينڪ جو گورنر ۽ پارليامينٽ جا ٻيا ميمبر شامل آهن. پاڪستان جي پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب، ايراني وفد جو استقبال ڊپٽي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڪيو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي بہ استقباليہ ۾ موجود هئا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اميد ظاهر ڪئي آهي تہ ٻئي ڌريون ڳالهين کي تعميري انداز ۾ اڳتي وڌائينديون. ۽ پاڪستان تڪرار جي پائيدار حل لاءِ سهولت جاري رکڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو آهي. ايراني عملدارن موجب، وفد آمريڪي عملدارن سان ڳالهين لاءِ پاڪستان آيو آهي. وفد ۾ سيڪيورٽي، سياسي، فوجي، معاشي ۽ قانوني معاملن سان لاڳاپيل ٻيا عهديدار بہ شامل آهن. جيڪي، مختلف پهلوئن تي بحث ڪندا. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جامع جنگ بندي ڳالهين لاءِ هڪ اعليٰ سطحي وفد سان گڏ پاڪستاني راڄڌاني اسلام آباد پهچي ويو آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو صلاحڪار اسٽيو وٽڪوف ۽ سندس ناٺي جيرڊ ڪشنر بہ جي ڊي وينس سان گڏ اسلام آباد پهچي ويا آهن. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، گهرو وزير محسن نقوي ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير آمريڪي نائب صدر جو استقبال ڪيو خير سڳالي طور تي آيا آهيون پر آمريڪا تي ڪو بہ اعتماد نہ آهي، ايراني اسپيڪر ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف هڪ تازي بيان ۾ چيو آهي تہ ايران خير سڳالي سان ڳالهين لاءِ آيو آهي پر آمريڪا تي ڪو بہ اعتماد نہ آهي. هن چيو تہ جيڪڏهن آمريڪا هڪ حقيقي معاهدو پيش ڪري ٿو ۽ ايران جي حقن کي تسليم ڪري ٿو تہ ايران معاهدي لاءِ تيار آهي. باقر قاليباف آمريڪا _ايران ڳالهين کان اڳ لبنان ۾ جنگ بندي ۽ ايران جي منجمد اثاثن جي بحالي جو مطالبو ڪيو ۽ چيو تہ اهي متفق نقطا هئا جن تي اڃا تائين عمل نہ ٿيو آهي. پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو تہ آمريڪا کي پنهنجا واعدا پورا ڪرڻ گهرجن. ان لبنان ۾ جنگ بندي جو واعدو ڪيو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ

ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف جي اڳواڻي ۾ هڪ ايراني وفد آمريڪا سان ڳالهين لاءِ اسلام آباد پهتو آهي. وفد ۾ ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي، دفاع ڪائونسل جو سيڪريٽري، مرڪزي بينڪ جو گورنر ۽ پارليامينٽ جا ٻيا ميمبر شامل آهن ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ 277 ٻار ۽ 67 استاد شهيد ٿيا: ايراني وزارت تعليم ايراني وزارت تعليم چيو آهي تہ جنگ جي شروعات کان وٺي ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ 277 ٻار ۽ 67 استاد شهيد ٿيا آهن ڏينهن اڳ ايراني ميڊيا رپورٽن ۾ چيو ويو هو تہ ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ شهيدن جو ڪل تعداد 3,000 کان وڌي ويو آهي. پاڪستان جو ايران_آمريڪا تڪرار جي پرامن ۽ پائيدار حل لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکڻ جو عزم پرڏيهي معاملن واري وزارت جي ترجمان موجب، هڪ ايراني وفد اسلام آباد ۾ اهم سفارتي ڳالهين ۾ حصو وٺندو. اسحاق ڊار تعميري ڳالهين جي اميد ظاهر ڪئي. پاڪستان تڪرار جي پرامن ۽ پائيدار حل لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو ۽ ڌرين جي وچ ۾ ڳالهين کي آسان بڻائڻ جي آڇ ڪئي. پرڏيهي معاملن واري وزارت، پاڪستان تڪرار جي خاتمي ۽ پائيدار امن لاءِ پنهنجي حمايت کي ورجايو پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ اهم معاملن تي ڳالهيون متوقع آهن ايران جنگ تي واشنگٽن ۽ ويٽيڪن جو اختلاف وڌي ويو آهي، ايران جنگ تي واشنگٽن ۽ ويٽيڪن جي وچ ۾ اختلاف وڌي ويو آهي. ڪيٿولڪ عيسائي مذهبي اڳواڻ پوپ ليو هڪ تازي بيان ۾ چيو آهي تہ ڪو بہ مقصد بيگناهہ خون وهائڻ کي جائز نٿو بڻائي سگهي، خدا ڪنهن بہ تڪرار تي برڪت نٿو ڏئي، مقدس هنڌن تي غيرانساني ۽ بي معنيٰ تشدد تيزي سان پکڙجي رهيو آهي، انساني زندگين کي صرف ذاتي مفادن جو نقصان سمجهيو پيو وڃي هن چيو تہ امن جو شهزادو، عيسيٰ مسيح جا پوئلڳ، ڪڏهن بہ انهن سان گڏ نہ بيهندا جيڪي ڪڏهن تلوارون هلائيندا هئا ۽ اڄ بم ڪيرائيندا آهن ان کان اڳ، پوپ ليو صدر ٽرمپ جي بيان تي بہ تنقيد ڪئي آهي جنهن ۾ ٽرمپ ايران ۾ پوري تهذيب کي ختم ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي ۽ مزاحمتي محاذ لاءِ هڪ قابل قبول معاهدو ٻن هفتن اندر ٿيڻ گهرجي: ايران ايران واضح ڪيو تہ جيڪڏهن ڪو معاهدو نٿو ٿئي ۽ اشتعال انگيز ڪارروائي ٿي تہ اسرائيل ۽ آمريڪا جي مفادن تي تباهي ڪندڙ حملا ڪيا ويندا. اسلام آباد ۾ آمريڪا _ايران ڳالهيون، ٽريفڪ پلان جاري، ريڊ زون مڪمل طور تي بند اسلام آباد ۾ پرڏيهي وفدن جي آمد کي نظر ۾ رکندي ٽريفڪ ڊائيورشن پلان تيار ڪيو ويو آهي. اسلام آباد ٽريفڪ پوليس موجب، ريڊ زون ۽ ايڪسٽينڊڊ ريڊ زون مڪمل طور تي بند رهندا، ڪشمير چوڪ ڪلب روڊ کان سرينگر هاءِ وي زيرو پوائنٽ تائين بند رهندو. جڏهن تہ سرينگر هاءِ وي زيرو پوائنٽ کان سرينگر چوڪ تائين بند رهندو. ٽريفڪ پوليس موجب، شڪرپڙيان روڊ، چاند تارا چوڪ کان سٽين ايونيو بند رهندو. جناح ايونيو خيابان چوڪ کان بليو ايريا روڊ بند رهندو. اسلام آباد ٽريفڪ پوليس چيو تہ فيصل چوڪ کان ٽريل 3 تائين مارگلا روڊ ٽريفڪ لاءِ بند رهندو، ايڪسپريس وي زيرو پوائنٽ کان ڪورل چوڪ تائين ٽريفڪ لاءِ بند رهندو. اسلام آباد ٽريفڪ پوليس چيو تہ 11 کان 12 اپريل تائين اسلام آباد ۾ ڳري ٽريفڪ بند رهندي. جي ٽي روڊ پشاور کان راولپنڊي ٽيڪسلا موٽروي، چڪري، چڪ بيلي روڊ ۽ راوت روڊ استعمال ڪن. اسپيڪر باقر قاليباف جي اڳواڻي ۾ پاڪستان ايندڙ ايراني وفد ۾ لڳ ڀڳ 70 ماڻهو شامل آهن: ايراني ميڊيا ايراني ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي تہ اسپيڪر محمد باقر قاليباف جي اڳواڻي ۾ اسلام آباد ايندڙ ايراني وفد ۾ لڳ ڀڳ 70 ماڻهو شامل آهن. جن ۾ مکيہ مذاڪرات ڪندڙ ۽ 26 ميمبرن تي ٻڌل ٽيڪنيڪل ۽ خاص ڪميٽين جا ميمبر شامل آهن. اهي ڪميٽيون معاشي، سيڪيورٽي ۽ سياسي مسئلن سان لاڳاپيل آهن تہ جيئن اهي انهن انتهائي حساس ڳالهين ۾ بروقت صلاح مشورا ڏئي سگهن مختلف ميڊيا مان 23 ميمبرن تي ٻڌل ميڊيا ٽيم پڻ وفد ۾ آئي آهي. جڏهن تہ ٻين ۾ پروٽوڪول ۽ ڪوآرڊينيشن ٽيمون، مترجم ۽ هڪ سيڪيورٽي ٽيم شامل آهي. جيڪڏهن ڳالهيون ڪامياب نہ ٿيون تہ آمريڪا اڳ کان وڌيڪ شدت سان فوجي ڪارروائي شروع ڪندو: ٽرمپ صدر ٽرمپ آمريڪي اخبار نيويارڪ پوسٽ سان فون تي ڳالهائيندي چيو تہ اسلام آباد ۾ آمريڪا_ايران ڳالهيون ڪامياب ٿينديون يا نہ، اهو تمام جلد معلوم ٿي ويندو، اهو ايندڙ 24 ڪلاڪن اندر معلوم ٿي ويندو آمريڪي صدر چيو تہ جيڪڏهن ڳالهيون ڪامياب نہ ٿيون تہ آمريڪا اڳ کان وڌيڪ شدت سان فوجي ڪارروائي شروع ڪندو. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جو جهاز فرانس ۾ رڪجي ويو آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جو جهاز، جيڪو ايران سان ڳالهين لاءِ اسلام آباد وڃي رهيو هو، فرانس ۾ رڪجي ويو آمريڪي هوائي فوج جو خاص سي_32 اي جهاز پيرس ۾ لينڊ ڪيو پيرس ۾ ايندڻ ڀرڻ کان پوءِ جهاز اسلام آباد لاءِ روانو ٿيندو.

بقايا 02 ***

ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب حڪومت جي آر ايل اين جي ڪنيڪشنز تي عارضي پابندي لاڳو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، وزيراعظم جي هدايت تي قائم نيشنل ڪوآرڊينيشن اينڊ مينجمينٽ ڪونسل (اين سي ايم سي) انهي حوالي سان سفارشون ڏئي ڇڏيون آهن. ذريعن ٻڌايو آهي تہ اين سي ايم سي پيٽروليم ڊويزن کي انهي حوالي سان خط بہ لکي ڇڏيو آهي، خط ۾ گيس فراهمي بهتر ٿيڻ تائين نئين آر ايل اين جي ڪنيڪشنز عارضي معطل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ سوئي گيس جي طلب ۽ رسد جي موثر انتظام لاءِ جامع حڪمت عملي تيار ڪرڻ جي سفارش بہ ڪئي وئي آهي. اضافي گئس جي فراهمي تي هفتيوار اڳڀرائي رپورٽ بہ طلب ڪئي وئي آهي، ذريعن موجب گيس جي استعمال کي منظم ڪرڻ جي لاءِ لوڊشيڊنگ جي ٽائيم ٽيبل تي غور ڪيو پيو وڃي. يو ايف جي ۾ گهٽتائي ۽ موسمي بنيادن تي کپت گهٽ ڪرڻ جهڙن قدمن تي بہ غور ٿي رهيو آهي ذريعن جو چوڻ آهي تہ مهانگي آر ايل اين جي جو متبادل مقامي قدرتي گيس جي استعمال کي هٿي ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، انهي حوالي سان آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي سان مشاورت ڪئي ويندي، اين سي ايم سي جي ايگزيڪيوٽو پيٽروليم ڊويزن کان 27 اپريل تي بريفنگ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا 03 ***

۾ اسان وٽ ڪو بہ متبادل منصوبو (پلان بي) موجود نہ آهي. آمريڪي صدر کان پڇيو ويو تہ جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهيون ناڪام ٿي وڃن يا تهران آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ کان انڪار ڪري ڇڏي تہ ڇا ڪا متبادل حڪمت عملي موجود آهي؟ ڊونلڊ ٽرمپ صحافي جي سوال تي چيو تہ ڪنهن بہ ٻئي پلان جي ضرورت نہ آهي، ايران جي فوج شڪست کائي چڪي آهي، انهن وٽ گهٽ تعداد ۾ ميزائل رهجي ويا آهن، انهن جي پيداواري صلاحيت محدود آهي اسان ايران کي سخت قسم جو نقصان پهچايو آهي. ياد رهي تہ اڄ اسلام آباد ۾ امن ڳالهيون ٿي رهيون آهن جنهن لاءِ آمريڪي ۽ ايراني وفد وفاقي راڄڌاني ۾ پهچي چڪا آهن آمريڪي صدر وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن ڳالهيون ڪامياب نہ ٿيون تہ آمريڪا پهريان کان وڌيڪ شدت سان فوجي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيندو انهي کان اڳ آمريڪي صدر ٽرمپ سوشل ميڊيا تي مختصر بيان ۾ لکيو تہ دنيا جي سڀني کان وڏي طاقتور سيٽ انهي حوالي سان آمريڪي ميڊيا چيو تہ صدر ٽرمپ جا اهي جملا ايران سان ڳالهين جي حوالي سان آهن.

بقايا 04 ***

هائوس ۾ سردار ذوالفقار علي خان کوسہ جي وفات تي تعزيت جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو سيد يوسف رضا گيلاني چيو تہ منهنجو ڊيرہ غازي خان اچڻ جو مقصد سردار ذوالفقار علي کوسہ جي وفات تي سندس پونيئرن سان تعزيت جو اظهار ڪرڻ آهي. سردار ذوالفقار علي کوسہ ملڪ جو قيمتي اثاثو هو ۽ سندس پٽن جو ملڪ جي سياست ۾ اهم ڪردار آهي. هن چيو تہ منهنجي سردار ذوالفقار علي کوسہ سان پراڻي وابستگي هئي ۽ مان دعاگو آهيان تہ الله تعاليٰ مرحوم جا بلند درجا عطا فرمائي. آمريڪا ۽ ايران جي جنگ جي حوالي سان سندس چوڻ هو تہ الله پاڪ پاڪستان کي وڏو مقام عطا ڪيو آهي ۽ هو خطي ۾ امن خاطر اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ پاڪستان دنيا جي سپر پاور ۽ ايران وچ ۾ صلح جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ مان پر اميد آهيان تہ ڳالهين جو اهو سلسلو نتيجي وارو ثابت ٿيندو. ان کان اڳ سينيٽ چيئرمين کوسہ هائوس پهتو تہ سردار دوست محمد خان کوسہ، سردار حسام الدين کوسہ ۽ سردار سيف الدين کوسہ سندس آجيان ڪئي.

بقايا 05 ***

صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون. هن ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ تڪرارن جي حل لاءِ باضابطا ڳالهين جي شروعات انتهائي ضروري آهي. صدر السيسي خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ مصر جي سفارتي ڪوششن جو ذڪر ڪندي عرب ملڪن جي سلامتي ۽ خود مختياري جي مڪمل حمايت جو ورجاءُ ڪيو ۽ ڪنهن بہ قسم جي اڳرائي يا وسيلن کي خطري ۾ وجهڻ جي شديد مذمت ڪئي. ٻئي پاسي اطالوي وزيراعظم جارجيا ميلوني آبناءِ هرمز کي عالمي جهاز راني لاءِ بنا رڪاوٽ کولڻ جي اهميت تي زور ڀريو ۽ نارملڪن جي سيڪيورٽي برقرار رکڻ جي ضرورت کي اجاگر ڪيو هن ايران جي ايٽمي پروگرام معاهدي جي ضرورت ۽ جنگ جي ٻيهر شروعات کي روڪڻ جي قدمن تي بہ زور ڀريو هن انهن هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مصر سان سهڪار ۽ رابطا وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 06 ***

ان کي دهشتگردي جو طعنو ڏيندڙ ڀارت لاءِ عالمي امن تي ڌيان ڏيڻ مشڪل ٿي رهيو آهي ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي ايران ۽ آمريڪا کي جنگ کان ڳالهين جي ميز تي آڻڻ جي حوالي سان پاڪستان جي سفارتي فتح کي ساراهيو هن وضاحت ڪئي تہ ٻنهي ملڪن لاءِ پنهنجي بنيادي مفادن کي برقرار رکڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ هر ملڪ پنهنجي عوامي سڃاڻپ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن چيو تہ امن ڳالهين لاءِ ٻنهي ڌرين جي ميزباني ۾ پاڪستان جو ڪردار اهم آهي. هن ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ پاڪستان ان ڳالهہ کي يقيني بڻائيندو تہ ٻنهي ملڪن جا خدشا ٻڌا وڃن، اعتماد کي برقرار رکيو وڃي ۽ تعميري ڳالهين کي هٿي ڏني وڃي. شيري رحمان مصر، ترڪي، سعودي عرب ۽ چين جهڙن ملڪن جي حمايت کي تسليم ڪندي ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ پاڪستان جي قيادت، مخالف ٻن ملڪن کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. هن چيو تہ پاڪستان جي سفارتڪاري هڪ اهڙو پليٽ فارم فراهم ڪيو آهي جتي ٻئي ڌريون پنهنجي بنيادي پوزيشن کي نقصان پهچائڻ کانسواءِ پر امن طريقي سان ڳالهيون ڪري سگهن ٿيون. شيري رحمان ان ڳالهہ تي بہ روشني وڌي تہ جاري امن ڳالهيون هڪ اهم ڪاميابي آهن. ٻئي متحارب ملڪ هاڻي هڪ ئي ميز تي آهن جيڪو عالمي سفارتڪاري ۾ پاڪستان جي قيادت جو واضح ثبوت آهي. هن نشاندهي ڪئي تہ ڀارت، جيڪو ڪڏهن پاڪستان کي "دهشتگردن جو مرڪز" قرار ڏيندو هو، هاڻي پنهنجي ناڪام سفارتڪاري جا نتيجا ڀوڳي رهيو آهي. شيري رحمان امن/امان لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي قبول ڪرڻ جي حوالي سان ڀارت جي ناڪامي تي تنقيد ڪندي چيو تہ عالمي برادري هاڻي پاڪستان جي سفارتي ڪوششن ۾ هاڪاري تبديلي کي تسليم ڪري رهي آهي، هن ان ڳالهہ تي زور ڏيندي پنهنجي ڳالهہ ختم ڪئي تہ پاڪستان جي سهڪار سان ٻئي متحارب ملڪ گڏيل اعتماد کي برقرار رکندي پنهنجون ڳالهيون جاري رکندا ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻائيندا تہ امن ڳالهيون تعميري طور اڳتي وڌنديون.

بقايا 07 ***

ل ٿي ويو جنهن ڪانپوءِ 4 خلا باز 10 ڏينهن چنڊ جي چوڌاري سفر ڪرڻ ڪانپوءِ حفاظت سان زمين تي واپس اچي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اورائن خلائي ڪيپسول جمعي جي شام مقامي وقت مطابق 5 لڳي 7 منٽن تي آمريڪي رياست ڪيليفورنيا جي شهر سان ڊياگو جي سمنڊ ڪناري کان اٽڪل 96 ڪلوميٽر پري مائي سمنڊ ۾ لٿو هو 1972 ع ۾ اپالو 17 مشن ڪانپوءِ پهريون انساني چنڊ مشن آهي ۽ واپسي تي مشن جي ڪمانڊر ريڊوائزمين ٻڌايو تہ سمورا خلاباز خيريت سان آهن. ناسا مطابق مشن دوران عملي مجموعي طور تي 11 لک 20 هزار ڪلوميٽر جو سفر طئي ڪيو ۽ زمين تان سڀ کان وڌيڪ فاصلي تائين جو ٽئون رڪارڊ ۾ قائم ڪيو خلائي ڪيپسول زمين جي ماحول ۾ داخل ٿيڻ وقت هڪ جديد ۽ ترميم ٿيل رستو اختيار ڪيو. جنهن جو مقصد حرارت جي دٻاءُ کي گهٽ ڪرڻ هو اها تبديلي 2022 ع ۾ آرٽيمس 1 جي غير انساني تجرباتي مشن دوران سامهون ايندڙ مسئلن ڪانپوءِ ڪئي وئي خلا بازن جي حفاظت سان واپسي لاءِ آمريڪي بحريہ جو جهاز يو ايس ايس جان پي مرٿا موقعي تي موجود هو جنهن ريڪوري آپريشن ۾ حصو ورتو ناسا اختيارين مطابق آرٽيمس 2 مشن مستقبل ۾ چنڊ تي انساني لينڊنگ جي راهہ هموار ڪندو، جنهن تحت 2028 ع تائين چنڊ تي ٻيهر انسان موڪلڻ ۽ ڊگهي مدي جي بنياد تي آڻي بيس قائم ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 08 ***

شريف ۽ مدينو شريف ۾ رهائشي هوٽلن ۽ فرنشڊ اپارٽمنٽس لاءِ ضابطا جاري ڪري ڇڏيا آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق رهائشي سيڪٽر ۾ ڀڃڪڙين جي سخت سزا ۽ ڏنڊ جو بہ اعلان ڪيو ويو آهي. سنگين نوعيت جي ڀڃڪڙين تي لائسنس معطل يا رد بہ ڪري سگهجي ٿو وزارت طرفان جاري ضابطن ۾ چيو ويو آهي تہ حج سيزن دوران ورجايل ڀڃڪڙين تي مقرر ڏنڊ ٻيڻو ڪيو ويندو، وزارت واضح ڪيو آهي تہ اهي ڀڃڪڙيون جن تي مالي سزا مقرر ناهي، اهڙي صورت ۾ ڀڃڪڙي ورجائڻ تي لاڳاپيل ڪميٽي عارضي طور تي اداري کي سيل يا ان جو لائسنس معطل ڪرڻ جو بہ اختيار رکي ٿي، جڏهن تہ ٽيون ڀيرو ڀڃڪڙي ڪرڻ جي صورت ۾ لائسنس مڪمل طور تي رد ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 09 ***

م کي فيفا سيريز 2026 ع ۾ نمايان ڪاميابي تي مبارڪون ڏنيون آهن. هتي جاري بيان مطابق هن قومي عورت فٽبال ٽيم جي شاندار ڪارڪردگي کي تعريف جوڳو قرار ڏيندي چيو تہ ان ڪاميابي عالمي سطح تي پاڪستان جو نالو روشن ڪيو آهي. هن چيو تہ 8_0 جي شاندار فتح قومي عورت رانديگرن جي محنت، لگن ۽ غير معمولي صلاحيتن جو واضح ثبوت آهي. هن چيو تہ ويمنز ٽيم شاندار راند پيش ڪري نہ صرف ملڪ جي وقار ۾ اضافو ڪيو پر عورتن جي راندين کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ نئين اميد ۽ حوصلي کي بہ پيدا ڪيو آهي. هن چيو تہ پاڪستاني عورتن جو راندين جي ميدان ۾ وڌندڙ ڪردار انتهائي حوصلا افزائي ڪندڙ آهي ۽ ان ڪاميابي سان نوجوان نسل، خاص ڪري نينگرين کي اڳتي وڌڻ جو حوصلو ملندو. سينيٽ چيئرمين ان عزم جو اظهار ڪيو تہ عورتن جي راندين کي هٿي ڏيڻ ۽ وڌائڻ ۽ نئين ٽئلينٽ جي حوصلا افزائي ڪرڻ اهم آهي تہ جيئن ملڪ ۾ راندين جو شعبو وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي. هن چيو تہ فيفا سيريز ۾ ڪاميابي مستقبل ۾ وڌيڪ ڪاميابين جو بنياد ثابت ٿيندي ۽ ويمنز فٽ بال ٽيم اها ڪارڪردگي راندين جي ميدان ۾ عورتن لاءِ نيون راهون کوليندي. هن چيو تہ سڄي قوم پنهنجي ٽيم جي ان ڪاميابي تي فخر ڪري ٿي ۽ ان جي روشن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪري ٿي.

بقايا 10 ***

هو رائٽي پور ۾ پيش آيو فوت ٿيندڙن ۾ هڪ عورت پڻ شامل آهي واقعي ۾ ڇهہ ماڻهو زخمي پڻ ٿيا آهن ۽ انهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 11 ***

عملدارن مطابق بوسٽن ۾ وفاقي گرينڊ جيوري جوابدارن تي ويزا فراڊ جي سازش جو باضابطا الزام مڙهيو. ان کان اڳ مارچ ۾ انهن ماڻهن خلاف شروعاتي فوجداري شڪايت داخل ڪئي هئي. انصاف واري کاتي جي بيان مطابق جوابدارن مبينا طور تي سهولت اسٽورز ۾ فرضي هٿياربند ڦرن جو منصوبو بڻايو. تہ جيئن اتي ڪم ڪندڙ ماڻهو پاڻ کي ڏوهہ جو شڪار ظاهر ڪري اميگريشن جي درخواستن مان فائدو حاصل ڪري سگهن عملدارن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڏوهہ ثابت ٿي وڃي ٿو تہ جوابدارن کي وڌ کان وڌ 5 سال قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي. جڏهن تہ سزا مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ انهن کي ملڪ مان نيڪالي بہ ڏني سگهجي ٿي.

بقايا 12 ***

جي ويجهو سفر ڪندي ٻيو ڀيرو پٽڙي تان لهي وئي. جنهن انتظاميا جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريا. خوشقسمتيءَ سان، ڪوچن ۾ ڪو بہ مسافر نہ هو، جنهن ڪري ڪو وڏو جاني نقصان نہ ٿيو مسافرن چيو تہ ڇا واقعي ريلوي نظام ۾ ڪا بنيادي خرابي آهي يا ڪٽي ڪا لاپرواهي آهي؟ هڪ طرف ريلوي اسٽيشنن ۽ ٽرينن جي اپ گريڊيشن تي ڪم ڪري رهي آهي، ٻئي طرف، ساڳئي ٽرين بار بار حادثن ۾ ڇو ملوث آهي؟ اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ان کان اڳ، ڪراچي کان لاهور ايندڙ شاليمار ايڪسپريس جون ڪجهہ ڪوچيون ماڇيڪا مان گذرندي پٽڙي تان لهي ويون هيون، جنهن سبب ٽريڪ کي عارضي طور تي معطل ڪيو ويو هو.

بقايا 13 ***

ڪيو ويو پوليس موجب، فيروز والا پوليس اسٽيشن جي علائقي ۾ ننڍي عمر جي ڇوڪرين سان زيادتي ڪندڙ جوابدار جي سڃاڻپ ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو. مقتول جوابدار جي سڃاڻپ لياقت علي عرف منو جي نالي سان ڪئي وئي آهي. مقتول جوابدار ننڍي عمر جي ڇوڪرين سان زيادتي ڪندو هو پوليس جو چوڻ آهي تہ هڪ ٻي ڪارروائي ۾ چوري ۽ ڦر جي ڪيسن ۾ ملوث جوابدار کي بہ گرفتار ڪيو ويو آهي. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ طيب جي نالي سان ڪئي وئي آهي، جنهن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا 14 ***

هاڙي جي تقريبن جي سلسلي ۾ سک ياترين پاڪستان ۾ پهچڻ بعد ٻئي ڏينهن مختلف مقدس گوردوارن جي ياترا ڪئي. ياترين، ننڪاڻا صاحب ۾ گوردوارہ سري ڪيارہ صاحب، گوردوارہ تمبو صاحب، گوردوارہ باليان صاحب، گوردوارہ پٽي صاحب ۽ گوردوارہ مالجي صاحب ۾ حاضري ڀري ۽ مذهبي رسمون ادا ڪيون. ان موقعي تي صوبائي وزير سردار رميش سنگهہ اروڙہ، گوردوارہ سري ڪيارہ صاحب جي بحالي ۽ نئين سر تعمير جي منصوبي جو پيڙهہ جو پٿر رکيو. تقريب ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري شرائنز ايويڪيو ٽرسٽ بورڊ ناصر مشتاق سميت ڀارت ۽ سڄي دنيا مان آيل سک ياترين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. منصوبي تحت 40 ڪمرن تي ٻڌل رهائشي ڪامپليڪس تعمير ڪيو ويندو اختيارين مطابق گوردوارہ سري ڪيارہ صاحب اهو تاريخي هنڌ آهي جتي بابا گرونانڪ ديوجي چوپايو مال چاريندو هو، جنهن جي سک مذهب ۾ خصوصي اهميت آهي.

بقايا 15 ***

في تولو سون 4 لک 97 هزار 662 روپيا مان گهٽجي 4 لک 96 هزار 962 روپيا ٿي وئي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب 24 ڪيرٽ سون جي 10 گرام جي قيمت 600 روپين جي گهٽتائي سان 4 لک 26 هزار 664 روپين مان گهٽجي 4 لک 26 هزار 64 روپيا ٿي وئي. جڏهن تہ 10 گرام 22 ڪيرٽ سون جي قيمت 550 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 91 هزار 122 روپين مان گهٽجي 3 لک 90 هزار 572 روپيا ٿي وئي. ملڪي مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن چاندي جي قيمت ۾ 50 روپيا في تولو جي واڌ رڪارڊ ٿي آهي ۽ في تولو چاندي جي قيمت 8 هزار 14 مان وڌي 8 هزار 64 روپيا ٿي وئي، ساڳئي طرح 10 گرام چانديءَ جي قيمت 43 روپين جي واڌ سان 10 گرام چاندي جي قيمت 6 هزار 870 روپين مان وڌي 6 هزار 913 روپيا ٿي وئي. عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت ۾ 7 ڊالر في اونس جي گهٽتائي ڪانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ قيمت 4 هزار 753 ڊالر جي مقابلي ۾ 4 هزار 746 ڊالر اونس تائين گهٽجي وئي. جڏهن تہ چاندي جي قيمت ۾ 0.50 ڊالر في اونس واڌ ٿي آهي ۽ چاندي جي في اونس قيمت 75.80 ڊالر تائين وڌي وئي.

بقايا 16 ***

اڪستان (ايس بي پي) جي رپورٽ موجب فيبروري 2026 ع جي پڇاڙي تي آر ڊي اي ايز جو تعداد 9 هزار 407 هو. جڏهن تہ مارچ 2026 ع ۾ روشن ڊيجيٽل اڪائونٽس جو تعداد 9 لک 17 هزار 400 تائين پهچي ويو آهي. اهڙي ريت فيبروري 2026 ع جي ڀيٽ ۾ مارچ 2026 ع دوران روشن ڊيجيٽل اڪائونٽس جي تعداد ۾ 7 هزار 993 اڪائونٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

بقايا 17 ***

واري وفاقي وزير چيو تہ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي اعلان موجب آمريڪا ۽ ايران جي صحافين لاءِ ويزا آن ارائيول هوندي. هن چيو تہ ڪوريج لاءِ سڄي دنيا مان صحافي پاڪستان پهچي رهيا آهن. صحافين کي هڪ ئي ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. هن چيو تہ 50 جي لڳ ڀڳ صحافي پاڪستان پهچي چڪا آهن چين، سعودي عرب، جاپان، جرمني، ڪوريا سميت مختلف ملڪن کان صحافين ويزا جون درخواستون ڏنيون آهن. هن چيو تہ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جناح ڪنوينشن سينٽر ۾ صحافين لاءِ هڪ ڇت هيٺيان سموريون ضروري سهولتون جن ۾ هاءِ اسپيڊ انٽرنيٽ ڪنيڪٽيويٽي، پرنٽر، ڪمپيوٽرز شامل آهن. جڏهن تہ اسڪرينز بہ لڳايا ويا آهن صحافين کي ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ سموريون گهربل سهولتون هتي دستياب آهن. هن چيو تہ جناح ڪنوينشن سينٽر کان ريڊ زون ويجهو آهي، صحافي هتان آساني سان ڪوريج ڪري سگهن ٿا، صحافين کي خصوصي ڪارڊ جاري ڪيا ويا آهن ۽ کين سموريون سهولتون ڏنيون وڃن ٿيون هن چيو تہ کين سموريون سهولتون هڪ ئي جاءِ تي فراهم ڪيون ويون آهن تہ جيئن کين ڪوريج ۾ ڪا ڏکيائي پيش نہ اچي. وفاقي وزير چيو تہ ڪوريج لاءِ ايندڙ پرڏيهي صحافين کي ڀليڪار چئون ٿا.

بقايا 18 ***

ٽ تان سعودي عرب جي ناڻي واري وزير محمد بن عبدالله الجدان کي رخصت ڪيو سعودي عرب جو ناڻي وارو وزير پاڪستان جي دوري تي هو. هتي جاري بيان مطابق ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن ملاقات ڪئي ۽ پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ مضبوط ٻہ طرفن لاڳاپن ۽ جاري اقتصادي سهڪار تي مختصر ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. سينيٽر اورنگزيب، سعودي وزير سان واشنگٽن ڊي سي ۾ عالمي بئنڪ گروپ — آءِ ايم ايف اسپرنگ ميٽنگز دوران ٻيهر ملاقات جي خواهش جو بہ اظهار ڪيو جيڪو ٻنهي ڀائر ملڪن وچ ۾ ويجهڙ ۽ پائيدار ڀائيواري جي عڪاسي ڪري ٿي.

بقايا 19 ***

هو وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهہ، محمد بخش خان مهر، محمد علي ملڪاڻي، مشير بحالي گيانچند ايسراڻي، معاون خصوصي سيد قاسم نويد، اسٽيوٽا بابت خاص مددگار جنيد بلند، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ نجم شاهہ، سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڪاظم جتوئي، چيئرمين سي ايم آءِ ٽي بلال ميمڻ، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، سيڪريٽري توانائي شعيب انصاري، سيڪريٽري بحالي مصطفيٰ شيخ، سيڪريٽري ماحوليات زبير چنا، اسپيشل سيڪريٽري ايڇ ٽي پي آغا فخر، ايڊيشنل سيڪريٽري زراعت اوريس ڪوسو، سي اي او ايس ايم ايڇ ايف اي خالد شيخ، سي اي او ڪي ڊبليو اينڊ ايس سي احمد صديقي ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو تہ چين سان تعاون سنڌ جي انفراسٽرڪچر کي جديد بڻائڻ، صنعتي صلاحيت وڌائڻ ۽ سماجي ۽ اقتصادي ترقي کي هٿي ڏيڻ جو هڪ اهم موقعو آهي. هن هدايت ڏني تہ تمام کاتا رڪاوٽون ختم ڪن ۽ منصوبن تي تيزي سان عملدرآمد يقيني بڻائين. سندن چوڻ هو تہ اهي ايم او يوز ڪاغذن تائين محدود نہ رهڻ گهرجن، اسان کي واضح ٽائم لائنز ۽ جوابداري سان عملي اڳڀرائي گهرجي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي تہ هر منصوبي جي نگراني لاءِ هڪ فوڪل ميڪنزم قائم ڪيو وڃي ۽ باقاعدگي سان اڳڀرائي رپورٽ وزيراعليٰ آفيس کي پيش ڪئي وڃي جڏهن تہ شفافيت ۽ تيز منظوري جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي. فائر سيفٽي ۽ ايمرجنسي سروسز جي حوالي سان اجلاس ۾ چيني ڪمپنين سان گڏ جديد فائر فائٽنگ آلات، فائر ٽرڪس، ايمرجنسي رسپانس سسٽمز ۽ فائر اسٽيشنز جي قيام جي تجويزن جو جائزو ورتو ويو ۽ وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ مشاورت مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ (جي ٽو جي) معاهدي تي ڪم جاري آهي. هن بلديات کاتي کي هدايت ڏني تہ ان معاهدي کي جلد حتمي شڪل ڏني وڃي. ٿر ۾ ڪوئلي مان گئس بڻائڻ ۽ يوريا جي پيداوار جي منصوبي تي پڻ غور ڪيو ويو جنهن تحت مقامي ڪوئلي مان امونيا ۽ يوريا تيار ڪئي ويندي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ فيزيبلٽي اسٽڊيز مئي 2026 تائين مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي. هن ان منصوبي کي توانائي جي تحفظ ۽ زرعي استحڪام لاءِ اهم قرار ڏنو لائيو اسٽاڪ ٽريڪ اينڊ ٽريس منصوبي تحت جديد چوپائي مال جي رجسٽريشن، ويڪسينيشن پروگرامن ۽ بيمارين جي سڃاڻپ جي مرڪزن جي قيام تي پڻ غور ڪيو ويو. وڏي وزير ان منصوبي تي تيزي سان عملدرآمد جي هدايت ڏني. ماحولياتي تعاون ۽ پاڻي جي منصوبن جي حوالي سان ڪجهہ تجويزن کي ٽيڪنيڪي ۽ مالي بنيادن تي غير مؤثر قرار ڏنو ويو جنهن تي وزيراعليٰ مقامي طور تي عمل جوڳي ۽ گهٽ خرچ حل کي ترجيح ڏيڻ جي هدايت ڪئي. زراعت ۽ غذائي تحفظ لاءِ ڪنٽرولڊ ايگريڪلچر سائنس اينڊ ايجوڪيشن پارڪ جي قيام جي تجويز پڻ غور هيٺ آئي جنهن تي وزيراعليٰ چيني ڀائيوارن سان رابطو وڌائڻ جي هدايت ڪئي. ٽائر ري سائيڪلنگ منصوبي تحت پلاسٽڪ ۽ ربڙ ري سائيڪلنگ سهولت جي قيام تي پڻ غور ڪيو ويو جنهن کي اسپيشل اڪنامڪ زون ۾ قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي. وڏي وزير لاڳاپيل مسئلا جلد حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس جي پڇاڙي تي وزيراعليٰ چيو تہ پاڪستان ۽ چين وچ ۾ تعاون سنڌ جي ترقي لاءِ انتهائي اهم آهي ۽ تمام کاتا فعال ڪردار ادا ڪندي منصوبن تي اڳڀرائي کي يقيني بڻائين. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ڪيترائي منصوبا پلاننگ جي آخري مرحلن ۾ آهن جڏهن تہ ڪجهہ فيزيبلٽي ۽ منظوري جي مرحلن ۾ آهن. وڏي وزير چيو تہ وقت تي عملدرآمد، شفافيت ۽ مسلسل نگراني ئي انهن منصوبن کي ديرپا معاشي فائدن ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي.

بقايا 20 ***

سڪيل تي شدت 4.5 رڪارڊ ڪئي وئي. زلزلو ماپيندڙ مرڪز مطابق زلزلو ڇنڇر جي صبح بلوچستان جي علائقي باڙڪان ۾ آيو. جنهن جي اونهائي 25 ڪلوميٽر هئي. بلوچستان جي علائقي ژوب کان 110 ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ 4.5 شدت جو زلزلو آيو زلزلي جا لوڏا سڄي علائقي ۾ محسوس ڪيا ويا، جنهن سان مقامي رهائشين ۾ شديد خوف پکڙجي ويو زلزلي ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجي گهرن کان ٻاهر نڪري آيا. زلزلي ڪانپوءِ فوري طور تي ڪنهن بہ وڏي تباهي يا جاني نقصان جو اطلاع ناهي مليو.

بقايا 21 ***

اضافو ٿيو آهي. سال 2025 ع دوران شعبي جو منافعو 42.2 ارب روپين تائين وڌي ويو آهي. ٽاپ لائين سڪيوريٽيز جي تجزياتي رپورٽ موجب سال 2024 ع جي آخري ٽہ ماهي جي ڀيٽ ۾ گذريل سال جي ان عرصي جي دوران دوا سازي جي شعبي جي منافعي ۾ 53 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو ۽ شعبي جو منافعو آڪٽوبر کان ڊسمبر 2024 ع ۾ ڪمايل 9.3 ارب منافعي جي ڀيٽ ۾ آڪٽوبر کان ڊسمبر 2025 ع دوران 14.2 ارب روپين تائين پهچي ويو رپورٽ موجب دوا سازي جي شعبي جي خالص سيلز ۾ پڻ گذريل سال 2025 ع دوران 14 سيڪڙو جو اضافو ٿيو ۽ شعبي جي سيلز سال 2024 ع جي 319.6 ارب روپين جي ڀيٽ ۾ سال 2025 ع ۾ 365.7 ارب روپيا رهي. واضح رهي تہ گذريل سال لاءِ دوا سازي جي لسٽڊ شعبي پاران 21.1 ارب روپين جي ماليت جي ڊيويڊنڊز جي ادائگيون ڪيون ويون جڏهن تہ 2024 ع دوران ادائگين جو ڳاڻيٽو 12 ارب روپيا رڪارڊ ڪيو ويو هو.

بقايا 22 ***

سنڌڻ قرار ڏئي ڇڏيو. ميڊيا رپورٽن موجب حماس پاڪستان ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي آجيان ڪئي آهي. حماس چيو آهي تہ ايران خلاف جنگ جي خاتمي جي مقصد جي ڪوشش جي مڪمل ۽ گڏيل حمايت ڪيون ٿا، هڪ بيان ۾ فلسطيني گروپ چيو تہ هو پاڪستان ۽ ٻين شريڪ ملڪن جي قيادت جي ڪوشش ۾ ڪاميابي جا منتظر آهن.

بقايا 23 ***

چيو آهي تہ بداعتمادي تي ڳالهين کي فوقيت، تحمل غالب اچڻ گهرجي ۽ حڪمت کي جنگ جي جذبي تي فتح حاصل ڪرڻ گهرجي، تڪرارن جو جاري رهڻ نہ رڳو خطي ۾ عالمي برادري لاءِ تباهي پکيڙيندڙ هوندو، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي گذريل ڏينهن پنهنجي ٽوئيٽ ۾ وفاقي وزير چيو تہ پاڪستان کي اسلام آباد امن ڳالهين جي ميزباني ۽ متحارب ڌرين کي جنگ جي ميدان مان ڳالهين جي ميز تي آڻڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي. هن پاڪستان، ايران ۽ آمريڪا جي قيادت سميت سمورن ڀائر ملڪن کي خراج تحسين پيش ڪيو جن تعميري ڪوشش سان امن جو اهو موقعو ممڪن بڻايو آهي. پروفيسر احسن اقبال چيو تہ اسانجي ڪوشش جي رهنمائي هڪ سادي يقين سان ٿي آهي، تہ بداعتمادي تي ڳالهين، تحمل کي غالب اچڻ گهرجي ۽ حڪمت کي جنگ جي جذبي تي فتح حاصل ڪرڻ گهرجي، هن چيو تہ تڪرارن جو جاري رهڻ نہ رڳو خطي پر عالمي برادري لاءِ تباهي پکيڙيندڙ هوندو. وفاقي وزير چيو تہ هو بحران هاڻي علائقائي معاملو ناهي رهيو هن جا معاشي آفٽر شاڪس اڳ ۾ ئي آسٽريليا کان وٺي آمريڪا تائين سمورن 193 ملڪن ۾ مهانگائي جي دٻاءُ، توانائي جي فراهمي ۾ رنڊڪ، غير مستحڪم مارڪيٽن ۽ وڌندڙ غير يقيني صورتحال ذريعي محسوس ڪيا پيا وڃن. هن چيو تہ جيڪڏهن تڪرار جاري رهي ها تہ وڌيڪ لکين ماڻهو غربت جو شڪار ٿين ها، ناڪامي جو بار رڳو ويڙهاڪن تي نہ پوندو پر جنگ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل عدم تحفظ، مهانگائي ۽ عدم استحڪام سڄي دنيا جا عام مرد، عورتون ۽ ٻار برداشت ڪندا. هن اميد جو اظهار ڪيو تہ اهي ڳالهيون ڪامياب ٿينديون. انهن جي ڪاميابي نہ رڳو علائقائي امن لاءِ پر سڄي دنيا لاءِ ڪين خاندانن جي معاشي تحفظ ۽ مستقبل لاءِ بہ اهم هوندي. هن چيو تہ تاريخ اهو ياد نہ رکندي تہ مشڪل ڪنهن پيدا ڪئي هئي پر انهن ماڻهن کي ياد رکندي جن هڪ وسيع جنگ کي روڪڻ لاءِ دانشمندي ۽ حڪمت عملي جو مظاهرو ڪيو. پنهنجي ٽوئيٽ جي آخر ۾ احسن اقبال سي اين اين، بي بي سي ورلڊ، رائٽرز، اي پي، انگلش، اي پي، پاڪستان جي سفارتي فتح، امن ڳالهيون، اسلام آباد معاهدو، امن جو سفير پاڪستان، امن کي لازمي فتح حاصل ٿيڻ گهرجي ۽ ايران جنگ جا هيش ٽيگز بہ شيئر ڪيا.

بقايا 24 ***

ب ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اهي شروعاتي ڳالهيون واشنگٽن ۾ مقرر سفيرن جي ذريعي ٿيون، جيڪي تازي ڇڪتاڻ کان پوءِ هڪ اهم سفارتي اڳڀرائي قرار ڏني پئي وڃي، خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب لبنان ۽ اسرائيل اڱاري تي پهرين گڏجاڻي ڪرڻ تي راضي ٿي ويا، آمريڪي پرڏيهي وزارت ۾ ٿيل گڏجاڻي ۾ جنگبندي ۽ ڳالهين جي تاريخ طئي ٿيڻ کان پوءِ ڳالهيون ٿينديون. هوڏانهن آمريڪي ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي تہ آمريڪا ۽ لبنان اسرائيل سان حزب الله تي حملن جي مزاحمتي تنظيم حزب الله هڪ بيان ۾ چيو تہ دشمن ڳالهين جي لاءِ ايران جون شرطون رسوائي حاصل ٿيڻ کان پوءِ قبول ڪري ورتيون. انهي حوالي سان آمريڪا ۾ اسرائيلي سفير هڪ بيان ۾ چيو تہ اسرائيل اڱاري تي لبنان ۽ آمريڪا جي سفيرن سان گڏجاڻي تي راضي آهي پر اسرائيل حزب الله سان جنگبندي تي انڪار ڪري چڪو آهي. ياد رهي تہ انهي کان اڳ ايران جنگبندي بابت آمريڪا ۽ اسرائيل چيو هو تہ لبنان ايران جنگبندي معاهدي جو حصو نہ آهي ۽ هو ايران جي پهريان ڏنل 10 نڪتن کي بہ رد ڪري چڪا آهن جڏهن تہ ايران جو چوڻ آهي تہ لبنان کي جنگبندي معاهدي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بقايا 25 ***

اورنگزيب وزير عالمي بئنڪ گروپ ۽ عالمي مالياتي فنڊ جي بهار اجلاسن ۾ شرڪت لاءِ آمريڪا روانو ٿي ويو آهي اجلاس 13 کان 18 اپريل تائين واشنگٽن ڊي سي ۾ ٿيندا. ناڻي واري وزارت جي جاري ڪيل پڌرائي موجب اجلاسن ۾ شرڪت کان اڳ وفاقي وزير بوسٽن جو دورو ڪندو، جتي هو هارورڊ يونيورسٽي ۾ منعقد پاڪستان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو وفاقي وزير ڪانفرنس ۾ شريڪ ماهرن، پاليسي سازن ۽ پاڪستاني برادري سان ملاقات ڪندو ۽ پاڪستان جي معيشت، سڌارن وارن قدمن ۽ ترقي جي امڪانن تي خيالن جو اظهار ڪندو دوري دوران ناڻي وارو وزير آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي اهم اجلاسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندو ۽ عالمي مالياتي اڳواڻن، ترقياتي شراڪت دارن، پاليسي سازن سان وڏي پيماني تي ملاقاتون ڪندو، ان موقعي تي ناڻي وارو وزير عالمي مالياتي ادارن جي اعليٰ قيادت، ورلڊ بينڪ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر (آپريشنز) انا بيردي، آءِ ايف سي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر مختار ڊيوپ ۽ ميگا جي مينيجنگ ڊائريڪٽر سوٽوموياماموتو سان پڻ ملاقات ڪندو. ناڻي وارو وزير آءِ ايم ايف جي اعليٰ عملدارن، فرسٽ ڊپٽي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڊين ڪاٽز، ڊپٽي مينيجنگ ڊائريڪٽر نائجل ڪلارڪ ۽ وچ اوڀر ۽ وچ ايشيا جي ڊائريڪٽر جهاد ازعور سان پڻ ملاقات ڪندو. انهن ملاقاتن ۾ پاڪستان جي معاشي صورتحال، سڌارن ۽ مستقبل جي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. آمريڪا جي دوري دوران ناڻي وارو وزير آمريڪي حڪومت جي اعليٰ عملدارن سان ملاقات ڪندو، جن ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ ۽ ناڻي کاتي جي سينيئر عملدارن سميت آمريڪا جو واپاري نمائندو جيميسن گرير شامل آهن. ناڻي وارو وزير عالمي مالياتي ادارن ۽ عالمي ڪمپنين جي نمائندن سان پڻ ملاقاتون ڪندو، جن ۾ فرينڪلن ٽيمپلٽن، روٿس چائلڊ اينڊ ڪمپني، سٽي بينڪ ۽ جي پي مورگن جهڙا عالمي ادارا شامل آهن. جڏهن تہ ٽيڪنالوجي ۽ پاليسي شعبن جي نمائندن سان پڻ ملاقاتون ڪندو. انهن مصروفيتن سان گڏوگڏ ناڻي وارو وزير مختلف ملڪن جي هم منصب ۽ اعليٰ قيادت سان پڻ ملاقاتون ڪندو، جن ۾ چين، سعودي عرب، گڏيل عرب امارتون، ترڪيہ ۽ برطانيا جا اڳواڻ شامل آهن. جن ۾ آءِ ايف ڊي سي، گيٽس فائونڊيشن، ايشيائي ترقياتي بينڪ، جائڪا ۽ ايشين انفراسٽرڪچر انويسٽمينٽ بينڪ شامل آهن دوري دوران ناڻي وارو وزير 24 اجلاس ۾ موسمياتي قدمن لاءِ ناڻي واري وزيرن جي اتحاد سميت اهم عالمي فورمز ۾ شرڪت ڪندو ۽ مختلف اعليٰ سطحي ويهڪن ۽ رائونڊ ٽيبل اجلاسن ۾ پڻ حصو وٺندو، جتي عالمي معيشت، مالياتي سڌارن، موسمياتي فنانس ۽ ترقياتي معاملن تي ڳالهيون ڪيون وينديون. وفاقي وزير جي دوري جو هڪ اهم حصو عالمي بينڪ جي انتظام هيٺ هڪ خاص اجلاس ۾ ورلڊ بينڪ ۾ شرڪت آهي، جتي هو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) ذريعي سماجي تحفظ تحفظ ۾ شرڪت ڪندو. جيڪا اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان ۾ منعقد ڪئي ويندي. ناڻي وارو وزير يو ايس پاڪستان بزنس ڪائونسل جي ميمبرن ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري سان پڻ ملاقاتون ڪندو تہ جيئن سيڙپڪاري جي موقعن کي هٿي ونرائي سگهجي ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي. پنهنجي دوري دوران ناڻي وارو وزير 50 کان وڌيڪ اهم ملاقاتون، اجلاسن ۽ ويهڪن ۾ شرڪت ڪندو جن سان عالمي اقتصادي برادري سان پاڪستان جي فعال ڪردار جي عڪاسي ٿئي ٿي. هي دورو پاڪستان جي معاشي استحڪام، سڌارن ۽ عالمي مالياتي ادارن سان شراڪتداري کي مضبوط بڻائڻ جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو.

بقايا 26 ***

، اسرائيلي فوج جي ڪارروائين ۾ 32 فلسطيني مارجي ويا. بجلي جي نظام کي نقصان پهچڻ سبب ڊي سيلينيشن پلانٽ متاثر ٿيا. ميڊيا رپورٽن موجب، ڏکڻ علائقن ۾ لڳ ڀڳ 500,000 ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي. غزہ جا ڪيترائي حصا پاڻي جي سخت کوٽ جو شڪار آهن. 18,500 زخمي ماڻهن جن ۾ 4,000 ٻار شامل آهن. طبي انخلا جي انتظار ۾ آهن عرب ميڊيا وڌيڪ ٻڌايو تہ 23,400 امدادي ٽرڪن مان، 4,999 ٽرڪن کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي.

بقايا 27 ***

تي زور ڀريو آهي تہ هو ان سفارتي موقعي مان ڀرپور فائدو کڻن ۽ نيڪ نيتي سان هڪ ڊگهي ۽ جامع معاهدي طرف اڳڀرائي ڪن. تہ جيئن ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ۽ ٻيهر تڪرار جي صورتحال کان بچي سگهجي. ترجمان مطابق انتونيو گوتريش ان ڳالهہ جو ورجاءُ ڪيو تہ عالمي تڪرارن جو پر امن حل ئي واحد ۽ عمل جوڳو رستو آهي. جيڪو گڏيل قومن جي چارٽر سميت عالمي قانون جي مطابق آهي.

بقايا 28 ***

ي ڪامياب ريسڪيو آپريشن تي اطمينان جو اظهار ڪندي پاڪ بحريہ جي آفيسرن ۽ جوانن کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي. سينيٽ سيڪريٽريٽ طرفان جاري بيان ۾ سينيٽ چيئرمين چيو تہ پاڪ بحريہ جي بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائي جي نتيجي ۾ 18 پرڏيهي ماڻهن جي قيمتي جان محفوظ بڻائي وئي، جيڪا پاڪستان جي هاڪاري ۽ ذميوارانہ ڪردار جي عڪاسي ڪري ٿي. هن چيو تہ پاڪ بحريہ جي پيشيوراڻي مهارت، فرض شناسي ۽ خدمت جو جذبو تعريف جوڳو آهي. هن چيو تہ هنگامي حالتن ۾ پاڪ بحريہ جو فوري ۽ منظم رد عمل ان جي اعليٰ تربيت ۽ مضبوط پيشيوراڻي صلاحيتن جو ثبوت آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ڪامياب ريسڪيو آپريشن نہ صرف پاڪستان جي عالمي سڃاڻپ کي مضبوط ڪيو پر انسانيت جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي عزم کي بہ نمايان ڪري ٿو. هن چيو تہ ريسڪيو ڪيل ماڻهن کي فوري طبي امداد فراهمي انسان دوستي ۽ انساني قدرن جو روشن مثال آهي. هن ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ پاڪستان جي هٿياربند فوج هر ڏکئي وقت ۾ انسانيت سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي ۽ ملڪ ۽ قوم جو وقار بلند ڪرڻ ۾ اڳيان آهي.

بقايا 29 ***

عمارت ۾ نصب هئي جنهن ۾ اهو واقعو پيش آيو واقعي جي اطلاع ملڻ کان پوءِ ريسڪيو اهلڪار حادثي واري هنڌ پهچي ويا. ريسڪيو ذريعن وڌيڪ چيو تہ فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 78 سالن جي محمد اشفاق جي نالي سان ٿي آهي. فوت ٿيل شخص جي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

رسان مين حيدرآباد روڊ تي ڌرڻو هنيو جتي 20 ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڌرڻو ختم نہ ڪيو ويو. ڌرڻي سبب ٽريفڪ سخت متاثر ٿي ۽ مسافرن کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. مظاهرين جو چوڻ هو تہ ايف آءِ آر ۾ نامزد جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. هنن وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن مطالبا نہ مڃيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. ٻي پاسي پوليس ۽ انتظاميا پاران مظاهرين سان ڳالهيون ڪري روڊ ڪولرائڻ جون ڪوششون جاري آهن جڏهن تہ شهر ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي. احتجاج ۾ وڏي انگ ۾ شاگرد، عورتون ۽ شهري شرڪت ڪري رهيا آهن ۽ انصاف لاءِ نعريبازي پڻ جاري آهيS

بقايا عوامي سوچ 02

فيڊ ڪمپني جي سهڪار سان منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ جانورن جي خوراڪ، صحت ۽ کير جي پيداوار وڌائڻ بابت آگاهي ڏني وئي، سيمينار ۾ ڊاڪٽر سليم احمد جوکيو، ڊاڪٽر محرم علي جوڻيجو، ڊاڪٽر همت علي جوڻيجو، ڊاڪٽر محمد عثمان کوکر، ڊاڪٽر امجد علي کوکر، مالوند قربان کوري، وزير احمد، مشتاق احمد، شاهد حسين ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر سليم احمد جوکيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ جيڪڏهن چوپائي مال جي خوراڪ بهتر ۽ مناسب مقدار ۾ ڏني ويندي تہ جانورن جي صحت بهتر رهندي ۽ کير جي پيداوار ۾ نمايان اضافو ٿيندو. هن وڌيڪ چيو تہ مالوندن کي گهرجي تہ هو پنهنجي جانورن جي خوراڪ تي خاص ڌيان ڏين تہ جيئن کير جي پيداوار وڌائي بهتر معاشي فائدو حاصل ڪري سگهجي. سيمينار دوران ماهرن مالوندن کي جديد طريقيڪار بابت پڻ آگاهي ڏني ۽ چيو تہ متوازن خوراڪ سان جانورن جي بيمارين کان بچاءُ ممڪن آهي`

بقايا عوامي سوچ 03

نوجوان سخت زخمي ٿي پيوملیل جاڻ موجب مرتضيٰ ولد عرس ۽ مشتاق ولد عرس پاران مبينا طور تي شهباز ولد نور محمد جوڻيجو تي حملو ڪيو ويو، جنهن دوران ڪيس مٿي تي ڏک لڳڻ سبب ڳڻتي جوڳي حالت ۾ زخمي ڪيو ويو زخمي کي فوري طور تي علاج لاءِ تلهار اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ متاثر ڌر پاران واقعي جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ پوليس سان رابطو ڪيو ويو آهي پوليس موجب رپورٽ داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 04

لغاري ۽ جنرل سيڪريٽري ابوالحسن نونداڻي جي صدارت هيٺ ٿيل هنگامي گڏجاڻي ۾ واقعي تي گهري ڏک ۽ ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ويو تہ هي واقعو نہ رڳو هڪ خاندان لاءِ وڏو سانحو آهي پر پوري سماج لاءِ بہ اک کولي ڇڏيندڙ آهي، بار ايسوسيئيشن طرفان پوليس اسٽيشن سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ۾ داخل ڪيل ڪرائم نمبر 58/2026 ۾ اجا تائين نامزد جوابدارن جي گرفتاري نہ ٿيڻ تي سخت تشويش ظاهر ڪندي چيو ويو تہ اها صورتحال پوليس جي نااهلي ۽ ڪيس جي غلط هينڊلنگ کي ظاهر ڪري ٿي جنهن سبب متاثر خاندان کي انصاف ملڻ ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن. گڏجاڻي ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ نامزد جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪيس جي جاچ شفاف ۽ غير جانبدار طريقي سان ڪئي وڃي جڏهن تہ هن حساس معاملي جي انڪوائري ڪنهن ٻئي ضلعي جي ايس ايس پي رينڪ آفيسر کان ڪرائڻ جي بہ گهر ڪئي وئي تہ جيئن انصاف جا تقاضا مڪمل ٿي سگهن. بار ايسوسيئيشن چتاءُ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن جلد انصاف فراهم نہ ڪيو ويو تہ وڪيل برادري احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندي، آخر ۾ متاثر خاندان سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي يقين ڏياريو ويو تہ انصاف جي حصول لاءِ هر قانوني ۽ آئيني قدم کنيو ويندو. بيان جاري ڪندڙ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص آهي

بقايا عوامي سوچ 05

کان تنگ ٿي پنهنجي مڙس وٽ پهچي وئي آهي. ناري موجب هن پنج مهينا اڳ محمد علي ولد مامون ملاح سان پسند جي شادي ڪئي هئي، جنهن بعد سندس مائٽن زبردستي حملو ڪري ڪيس واپس وٺي ويا. متاثر ناري جو چوڻ آهي تہ مائٽن ڪيس پنج مهينا زبردستي گهر ويهاري رکيو ۽ مڙس سان گڏ رهڻ نہ ڏنو هن ٻڌايو تہ هاڻي هوءَ مائٽن جي روين کان تنگ ٿي نڪري پنهنجي مڙس وٽ پهتي آهي ۽ پنهنجي مڙس سان گڏ رهڻ چاهي ٿي. نوجوان ناري ساجد الزام لڳايو آهي تہ سندس مائٽ ڪيس ۽ سندس مڙس کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جنهن سبب هوءَ خوف ۽ دباءَ ۾ زندگي گذاري رهي هئي. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ انصاف ڏنو وڃي تہ جيئن هوءَ پنهنجي مڙس سان پرامن زندگي گذاري سگهي.

بقايا عوامي سوچ 06

الزام هڻندي چيو آهي تہ مڪلي پوليس بنا ڪنهن سبب جي سندس مڪلي واري گهر تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سندن پٽن کي بنا جواز گرفتار ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ چالان ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهي آهي، هن چيو تہ مڪلي ٿاڻي جي ASI مشتاق پنهور 45 هزار روپيہ رشوت وٺي پوءِ سندس پٽن کي آزاد ڪيو آهي، جيڪا ساڻس وڏي زيادتي آهي، هن چيو تہ هو شريف شهري آهي، جن سان مڪلي پوليس جو اهڙو ورتاءُ مذمت جوڳو عمل آهي، جيڪو هرگز برداشت نہ ڪيو ويندو، عبدالله هيجب جاکرو SSPٺٽو کان هن معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري کين انصاف مهيا ڪري کين پوليس جي زيادتين مان نجات ڏيارڻ جي گهر ڪئي اهي.

بقايا عوامي سوچ 07

مورو الہ تل سڙي رک ٿي ويو. گهر ياتين رڳو پجي جان بچائي ورتي آهي، باهہ متاثرين هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ٻڌيل آهن. جن جي اڄان تائين ڪنهن بہ سار ناهي لڌي، باهہ متاثر پورهيت وس وارن کان واهر جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 08

ي اچڻ تي، آئيس شراب ۽ ٻي زهريلي منشيات جي عام وکر وانگر واهپي ۽ وڪري تي سرعام فحاشيءَ جي هلندڙ اڏن تي، سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي وڏي غصي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. هنن چيو تہ بدامني ۽ اسٽريٽ ڪرائم ان حد تائين وڌي ويا آهن جو هاڻي مسجدون ۽ نمازي بہ غير محفوظ ٿي چڪا آهن، جيڪڏهن ڪو مسلمان مسجد وٽ بائيڪ بيهاري جمعة المبارڪ جي نماز پڙهي ٿو تہ چور موٽر سائيڪل چوري ڪري ڪٽي پجي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن . اهڙي قسم جي وارداتن جي لهر وڏي تيزيءَ سان هر جڳہ تي وڌي رهي آهي پر خاص ڪري جامع مدينہ مسجد ور شهر ۾ اهڙي قسم جون وارداتون روز جو معمول بڻجي چڪيون آهن. تازو 10 اپريل تي ان ئي مسجد مان غلام محمد چانديو جي بائيڪ چور جمعي نماز دوران چوري ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن، ان ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال ۾ باوجود بار بار مقامي پوليس کي شڪايت ڪرڻ جي پوليس ڪک پجي هيٺو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهنجي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي،هنن اڳواڻن ايس ايس پي ٺٽو کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ هو ورشهر سميت ضلعي ڀر ۾ وڌندڙ بدامني منشيات جي وڪري ۽ فحاشيءَ جي اڏن جو نوٽيس وٺي ۽ ڏوهارين خلاف سرچ آپريشن ڪري کين گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏياري چوري ۽ ڦر ڪيل موٽرسائڪلن موبائلن سميت روڪ رقم واپس ڪرائي

بقايا عوامي سوچ 09

ڳوٺاڻي عنايت الله ناريجو جي گهر کي اوچتو باهہ لڳڻ سبب سندس گهر ۾ پيل سمورو گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو ان ڏس ۾ باهہ متاثر ڳوٺاڻي جو چوڻ هو تہ ڳوٺ جي بااثرن منهنجي گهر کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي جنهن ڪري گهر ۾ پيل لکين رپين جو جو گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي جڏهن تہ مهيسر وڏا ٿاڻي تي ٽن جوابدارن صدام، اڪرم ۽ انور ناريجو مٿان اهڙي اين سي بہ داخل ڪرائي آهي ان موقعي تي هن ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ نوٽيس وٺي ڄاڻايل جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 10

ڳوٺ حميد بالادي تعداد چار ٿي وئي آهي جڏهن تہ ان سميت ٻيا ڪيترائي معصوم ٻارڙا بخار ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جنهن مان لڳي ٿو معصوم ٻارڙن کي ارڙي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي تہ بيماري جا ڪيس وڌندا پيا وڃن پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ضلعي انتظاميہ ۽ صحت کاتو مڪمل طور بي خبر بڻيل آهن ڳوٺاڻن صحت کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو آهي تہ نوٽيس وٺي جلد ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪلي معصوم ٻارڙن جو سرڪاري سطح تي علاج شروع ڪيو وڃي جئين معصوم ٻارڙن کي موذي مرض بچائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 11

جاري اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو جي عملدارن ٻيهر ڪارروائي تي دڪاندارن جو احتجاج ٺٽو گهارو ساڪرو روڊ بلاڪ ٽائرن کي باهيون ٽرئفڪ معطل، مظاهرين موجب تہ حددخلين جي آڙ ۾ دڪانن کي ڊاهڻ سان لکين روپين جو نقصان پهتو آهي،ڪجهہ ڏينهن اڳ حددخلين خلاف ٿيل آپريشن بعد دڪاندارن کي وارننگ نوٽيس ڏنا پر غيرقانوني اڏاوتون ختم نہ ڪيون ويون ، اي سي ساڪرو نبي بخش سولنگي، اطلاع تي سي آئي اي انچارج ٺٽو ڏلدار خان، غلام حيدر جانوري پوليس نفري سان گڏ مظاهرين وٽ پهچي روڊ ڪولرائي ڇڏيو،

بقايا عوامي سوچ 12

قانون جي گرفت ۾ اچي ويا، ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي خاص هدايتن تي روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جاري مهم دوران دادو پوليس نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون، گذريل 8 ڏينهن دوران مختلف ٿاڻن پاران پوليس ڪاروائين جي نتيجي ۾ مجموعي طور 55 جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويو. انهن ڪاروائين دوران 20 روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن تہ پوليس جي لڳاتار ۽ مؤثر ڇاپن جي نتيجي ۾ 35 روپوش جوابدارن عدالتن ۾ پيش ٿي ضمانتون حاصل ڪيون ۽ قانوني ڪاروائي کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ کي پيش ڪيو. گرفتار ڪيل جوابدارن ۾ سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار شامل آهن، جن ۾ قتل ڪيس جو جوابدار امتياز پرٽ، ڦرجي ڪيس ۾ روپوش جوابدار ارشاد سوڍو، انسداد دهشتگردي ايڪٽ سميتَ ٻين ڏوهن جي 11 ڪيس ۾ روپوش جوابدار عبدالله خشڪ، ڦرجي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار ثاقب مهيسر ۽ امان الله لغاري سميت ٻيا شامل آهن. ايس ايس پي دادو لاڳاپيل پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي هدايت ڪئي آهي تہ ڏوهارين خلاف ڪاروايون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن تہ جيئن ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي، دادو پوليس عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر وقت ڪوشان آهي ۽ ڏوهن جي خاتمي تائين پنهنجون ڪاروايون جاري رکندي،

بقايا عوامي سوچ 13

ويو، جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن سان گڏوگڏ پري پري وارن علائقن مان جمعيت علمائي اسلام جا هزارين ڪارڪن، علمائي ڪرام ۽ عام ماڻهو وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجتماع کي خطاب ڪندي علمائ ڪرام اسلام جي حقانيت، سيرتِ نبوي ۽ ديني تعليمات جي اهميت تي تفصيلي روشني وڌي مقررن چيو تہ دينِ اسلام هڪ مڪمل ضابطو حيات آهي، جيڪو انسان جي انفرادي، اجتماعي، معاشرتي ۽ اخلاقي زندگي جي هر پهلو ۾ مڪمل رهنمائي فراهم ڪري ٿو ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ٿي سگهي ٿي اجتماع کي خطاب ڪندڙن ۾ مولانا شيخ الحديث محمد صالح الحداد، مولانا محمد اسماعيل قاسمي، مولانا غلام حسين ميمڻ، مولانا خان محمد پناڻ، مولانا محمد عيسيٰ سمون، مولانا گل حسن زؤر ۽ مولانا عبدالرزاق ڪتي سميت ٻيا علمائ ڪرام شامل هئا، جن پنهنجي خطابن ۾ ديني قدرن جي واڌاري، اسلامي تعليمات جي ترويج ۽ معاشري جي سڌاري جي ضرورت تي زور ڏنو اجتماع جي آخر ۾ مرحوم جي ايصالِ ثواب لاءِ خاص دعا گهري وئي، جڏهن تہ شرڪت ڪندڙن لاءِ وڏي پيماني تي طعام جو پڻ بندوبست ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 14

گرفتار ڪري ورتو ٻيو جوابدار عارب نالي پوليس تي فائرنگ ڪري فرار ٿي ويو معلوم ٿيو آهي تہ پوليس روڊ موري لڳ چيڪنگ ڪري رهي هئي تہ پوليس هنن کي روڪڻ لاءِ اشارو ڪيو هنن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ ڪندڙ همراهہ 125 موٽر سائيڪل ڇڏي فرار ٿي ويو

بقايا عوامي سوچ 15

ي ڪندي، هڪ هوڙي (ٻيڙي) مان وڏي مقدار ۾ سوپاري ۽ گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ پتي ۽ ٻيو مٽيريل هٿ ڪري ورتو آهي. ڪاروائي دوران 5 جوابدارن کي موقعي تان گرفتار ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر کي خفيا اطلاع مليو هو تہ سمنڊ رستي منشيات جو وڏي کيپ کي منتقل ڪيو پيو وڃي، جنهن تي پوليس جوهو پرسان ڳوٺ احمد چوڌري وٽ هوڙي تي ڇاپو هنيو، تلاشيءَ دوران هوڙي مان مبينا پنج سئو ڪلو سوپاري برآمد ڪئي وئي. پوليس موقعي تان پنجن جوابدارن امير جوکيو، سومار جهلڪ، محرم ڏيٽون، عمر بلوچ، مجيد شيدي کي حراست ورتو آهي. دوران جاچ جوابدارن اعتراف ڪيو آهي تہ برآمد ٿيل سامان جا اصل مالڪ غني ڪنيار ۽ خالق خاصخيلي آهن. جنهن ڪانپوءِ پوليس مبينا جوابدار غني ڪنيار جي گهر تي بہ ڇاپو هنيو، پر هو گهر ۾ موجود نہ هجڻ ڪري گرفتار نہ ٿي سگهيو. ذريعن موجب، هوڙي مان لڳ ڀڳ 3000 ڪلو سوپاري ۽ 500 ڪلو شاهجاني پتي ۽ ٻيو مٽيريل هٿ آيو هو پر پوليس رڪارڊ ۾ صرف 500 ڪلو سوپاري ظاهر ڪئي آهي، جنهن ڪري پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿي رهيا آهن. ڪيٽي بندر پوليس گرفتار جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ورتو آهي ۽ فرار ٿيل مک جوابدارن جي ڳولا لاءِ وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 16

جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ استادن ڀرپور شرڪت ڪئي، تقريب ۾ ساجد مستوئي، محمد خان سومرو، ارباب پلهہ، بلاول پنهور، غلام مصطفيٰ پرٽ، عبدالرحمٰن مستوئي، ناياب فاطمہ ۽ ٻين حصو ورتو، تقريب دوران آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ڪانپوءِ جنگ بندي ڪرائڻ تي پاڪستان جي ڪامياب سفارتي ڪوشش کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو ويو، شرڪت ڪندڙن چيو تہ وفاقي حڪومت جي دانشمندانہ حڪمت عملي سبب خطي کي وڏي جنگ کان بچايو ويو، جيڪو سڄي دنيا لاءِ امن جو اهم پيغام آهي، ان موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي ڪردار کي ساراهيندي چيو ويو تہ سندن قيادت هيٺ پاڪستان هميشہ امن پسند ملڪ طور پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي، تقريب جي آخر ۾ شاگردن ۽ استادن پاڪ فوج جي حق ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ سڄي دنيا ۾ امن جي بحالي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون.

بقايا عوامي سوچ 17

جو انعقاد ڪيو ويو، مهمانن ۾ نشات تنظيم جماعت لواري شريف جا مرڪزي نائب صدر محترم مولا بخش چنا، انفارميشن سيڪريٽري محترم پيار علي ٽالپر، ريجن بدين جا صدر محترم فتح الله جوڻيجو، نائب صدر محترم سومر ڪوريجو، جنرل سيڪريٽري محترم هدايت الله جوڻيجو، فنانس سيڪريٽري محترم ڊاڪٽر محمد سليم جوڻيجو، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر محترم عبدالفتاح جوڻيجو، دي صوفي انسٽيٽيوٽ لواري شريف سان تعلق رکندڙ محترم ڊاڪٽر شرف الدين ٽالپر، محترم دين محمد چنا صاحب، نعت خوان محترم نور الدين جوڻيجو ۽ محترم قمر الدين گدو ٽالپر موجود رهيا. جڏهن تہ يونٽ حضرت پير گل حسن شاهہ جي عهديدارن يونٽ صدر محترم سائينداد ٽالپر ۽ يونٽ جوائينٽ سيڪريٽري محترم ڪريم بخش چنہ، يونٽ فنانس سيڪريٽري محترم عبدالصمد جوڻيجو سان گڏ ضلع جوائينٽ سيڪريٽري ناجيہ شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف ضلع بدين محترم عمران عزيز ٽالپر پڻ موجود رهيا. يونٽ ۾ رهندڙ جماعت جي پائرن ڀرپور شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 18

حاجن شاهہ جي ڪريانا دڪان کي باهہ لڳڻ سبب ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو، پر افسوس جو انتظاميہ پاران هن سنگين واقعي جو ڪو بہ نوٽيس نہ ورتو ويو ۽ نہ ئي سرڪاري سطح تي ڪا امدادي ڪاروائي نظر آئي، انتظاميہ جي بي حسي خلاف اڄ سيراڻي شهر جي واپارين سخت احتجاج ڪندي شٽر بند هڙتال ڪئي ۽ ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. ڌرڻي جي اڳواڻي صالح رند، صدام منڊرو، مير محمد ملواڻي، حاجي ستار، اسلم ملاح، مجيد جوڻيجو ۽ نبي بخش خاصخيلي ڪئي. احتجاج ڪندڙ واپارين جو چوڻ هو تہ: "جيسين بدين جي انتظاميہ پاڻ اچي نقصان جو جائزو وٺي ۽ اسان جا جائز مطالبا قبول نہ ڪندي، تيسين اسان جو ڌرڻو جاري رهندو." جنهن تي ايس ايڇ او بدين، مختيارڪار بدين، وائيس چيئرمين بدين فداحسين منڊرو ۽ يونين ڪائونسل سيراڻي وڪيل اصغر چانگ جن پهتا ليڪن سيني ڳالهين کي رد ڪيو ۽ اي بدين جي اچڻ جو چيو جنهن تي اي سي بدين راجيش دلپت پهتو جنهن مظاهرين جي ڇہ رڪني ڪميٽي جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ مطالبا حل ڪرائڻ خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو`

بقايا عوامي سوچ 19

محدود ضلعي جي پوليس علائقي ۾ لٽل تفصيل موجب : گمبٽ لڳ حضرت سچل سرمست درگاهہ پرسان دراز شريف جي ڳوٺ ورو واهڻ ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٻيهر ڀڙڪي پيو آهي جڏهن تہ ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن حملا ڪري ڏنا آهن حد پوليس موجب فائرنگ جي نتيجي ۾ سائين داد جوڻيجو، لعل خان جوڻيجو پياريل سرڪي نومان علي سرڪي ۽ هڪ عورت سميت 5 ڄڻا ٿڏي تي قتل ٿي ويا، جڏهن تہ 10 کان وڌيڪ ٻنهي ڌرين جا ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن زخمين کي فوري طور علاج لاءِ راڻيپور ۽ گمبٽ جي اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي اطلاع ملڻ تي پوري ضلعي خيرپور جي پوليس نفري واقعي واري هنڌ ڏانهن پهچي وئي آهي فائرنگ سبب پوليس بہ واقعي واري هنڌ نہ پهچي سگهي آهي فائرنگ جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب پوري علائقي ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي ويو آهي ۽ علائقي واسي پنهنجن پنهنجن گهرن تائين محدو تي ويا آهن ۽ گهران کان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏ

بقايا عوامي سوچ 20

ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن 111111 صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن تہ سندس پونئيرن ايڊوڪيٽ غلام صديق سومرو ۽ ٻين سان اوڏيرولال اسٽيشن ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 21

والد مرحوم مير بابل خان جکراڻي جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو هن چيو تہ مرحوم مير بابل خان جکراڻي هڪ سنو سياستدان هو هُن جون جيڪب آباد جي ترقي لاءِ خدمتون شامل آهن اسان جي وڏڙن جا هڪ ٻئي سان سنا تعلقات رهيا آهن. ان دوران هن امن امان بابت پڇيل سوال دوران صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪراچي جي امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي گذريل ٻن مهينن کان 18سيڪڙو ڏوهن ۾ گهٽتائي آئي آهي هن چيو تہ اڳ جي ڀيٽ ۾ سنڌ جا هائي ويزاج ڪافي محفوظ آهن ان جي خاص وجہ اها آهي تہ سنڌ گورنمنٽ پاران ڪچي اندر ڌوهارين خلاف آپريشن هلندڙ آهي هن چيو تہ اجا وڌيڪ آپريشن کي سخت ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان دوران آئي جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ايس ايس پي جيڪب آباد ڪيپٽن (ر) فيضان علي کي سخت هدايتون ڏيندي چيو تہ منشيات توڙي آئيس خلاف سخت ايڪشن ورتو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 22

ڪانفرنس ڪندي ميانداد مجيداڻو، سندس والد نجما ۽ ڀيڻ ياڳيري مجيداڻو دانهيندي چيو تہ جمعي جي رات 12 وڳي ڌاري ٻي سيڪشن پوليس ثناءالله ميمڻ جي ڪوڙي فرياد تي بغير فيميل پوليس اهلڪارن جي ڳوٺ محرم علي سنجراڻي لڳ اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري اسان جي چاچي دودي سميت اسان سيني کي ٿاڻي تي ڪٽي وئي. پوليس ڪاهہ دوران گهر ۾ رکيل 2 لک روپيا روڪ رقم ڪٽي وئي. ياڳيري جي ڳچي ۾ پاتل سوني چين لاهي ورتي ۽ هڪ موٽر سائيڪل کاهي وئي ۽ 2 موبائل فون بہ ڪٽي وئي. هنن چيو تہ ثناءَ الله ميمڻ اسان جي خلاف زمين جي وڪري جو ڪوڙو ايگريمنٽ ٺهرائي، اسان جي خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي. ان بعد اسان جي 25 ايڪڙ ۽ 25 گهنٽا زمين تي هٿيار بندن ذريعي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ ثناءَ الله ۽ عبدالشڪور لغاري زمين کي ڪيڙي پوکي ڪرائي رهيا آهن. جڏهن تہ زمين بابت اسان جو ڪيس عدالت ۾ پڻ هلندڙ آهي ۽ هنن سڀ ڪجہ غير قانوني طور ڪيو آهي. هنن آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ پوليس پاران کنيل روڪ رقم، سونو لاڪيٽ ۽ موٽر سائيڪل واپس ڏيارپو وڃي ۽ پوليس طرفان گهرن تي ڪيل هلان جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ زمين تان هٿيارن جي زور تي ڪيل قبضو خالي ڪرائي انصاف ڪري تحفظ ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 23

ڏاڏي دوس محمد هاليپوٽو جي نالي تي ٽنڊوالهيار جي ڪاماروشريف اسٽيشن لڳ ديہ لاڪيار ۾ سروري نمبر 28/29 موجب اٺ ايڪڙ ست گهنٽا زرعي زمين آهي جنهن ۾ دوس محمد جي حصي جو 21 پئسا حصو هڪ ايڪڙ ساڍا 28 گهنٽا ايراضي ٿئي ٿي هن چيو تہ اسين مذڪوره زمين جا جائز وارث آهيون جنهن تي هن وقت سعود احمد ولد محمد هاشم درس زبردستي قبضو ڪريو وينو آهي هن زمين کي ڦٻائڻ لاءِ سعود احمد درس اي ڊي سي ون وٽ اسان جي خلاف اپيل داخل ڪئي هئي جيڪا اي ڊي سي ون وٽان رد ٿي چڪي آهي امداد علي هاليپوٽو وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن اسين پنهنجي حصي واري زمين تي وڃون ٿا تہ بااثرن طرفان اسان کي جاني نقصان جون ڌمڪيون ڏئي واپس ڪيو وڃي ٿو هن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين اعلي اختيارين کان گهر ڪئي تہ اسان جي زرعي زمين تان ناجائز قبضو ختم ڪرائي زمين اسان جي حوالي ڪئي وڃي ۽ اسان کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 24

س ايل) فرنچائز لاهور قلندرز کي وڏو ڌچڪو لڳي ويو ۽ اهم پرڏيهي بيٽر پرويز حسين ايمان انجري سبب ٽورنامينٽ مان ٻاهر ٿي ويو آهي. لاهور قلندرز جي ترجمان بنگلاديشي وڪيٽ ڪيپر بيٽر جي پي ايس ايل مان ٻاهر ٿيڻ جي تصديق ڪندي ٻڌايو تہ پرويز حسين ايمان ڪلهي جي انجري سبب ليگ مان ٻاهر ٿي ويو آهي. پرويز حسين ملتان سلطانز خلاف ميچ ۾ آصف علي سان ٽڪرائڻ سبب ان فٽ ٿي پيو هو. جڏهن تہ هاڻ کيس ٽيم مان رليز ڪيو ويو آهي. پرويز حسين جي ايم آر آءِ اسڪين ۾ ليگامينٽ ٽيئر جي تصديق ٿي آهي ۽ ڊاڪٽرن ڪرڪيٽر کي مڪمل آرام جو مشورو ڏنو آهي. قلندرز انتظاميا جو چوڻ آهي تہ ٽيم مئنيجمينٽ مڪمل فٽ نہ هئڻ سبب کيس اسڪواڊ مان رليز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، متبادل رانديگر جو اعلان جلد ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 25

مس يونيورس هرناز سنڌو جو ٻيو روپ قرار ڏئي ڇڏيو. اداڪار جي ڌيءُ عام طور تي سوشل ميڊيا کان پري رهندي آهي پر تازوئي هن هڪ تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جتي سندس خوبصورتيءَ سيني کي موهي وڌو. شوريٰ کي ڏسي ماڻهن کي اڳوٽي مس يونيورس هرناز سنڌو جي ياد اچي وئي، جنهن 2021 ۾ 21 سالن ڪانپوءِ ڀارت لاءِ مس يونيورس جو ٽائيٽل کٽيو هو.

بقايا عوامي سوچ 26

ڪندڙ نوجوان آل رائونڊر صائم ايوب چيو آهي تہ ٽيم جو ماحول هاڪاري آهي ۽ رانديگر نتيجن بدران پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏئي رهيا آهن. خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي صائم ايوب چيو تہ خراب شروعات جي باوجود ڊريسنگ روم جو ماحول ڏاڍو سنو آهي ۽ ان ۾ وڌيڪ بهتري آئي آهي، اسان هن وقت رزلٽ بابت ناهيون سوچي رهيا، اسان اهو سوچي رهيا آهيون تہ اسان پنهنجو ڪم ڪيئن بهتر ڪري سگهون ٿا. هن قبول ڪيو تہ شروعاتي ميچن ۾ ٽيم کان غلطيون ٿيون پر رانديگر غلطين کي ختم ڪرڻ تي ڪم ڪري رهيا آهن. ٽيم جي ڪارڪردگي تي ڳالهائيندي صائم ايوب چيو تہ گذريل 2 ميچون جنهن طريقي سان اسان هارايون، ائين ٿيندو آهي، رانديگرن کان غلطيون ٿينديون آهن. اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون تہ هر ميچ ۾ جيڪي غلطيون ٿي رهيون آهن، انهن کي گهٽ ڪريون ۽ بهتري آڻيون. هن ٽورنامينٽ جي غير يقيني صورتحال جو حوالو ڏيندي چيو تہ لاها چاڙها هر ٽيم سان ٿيندا آهن. گذريل سال اسلام آباد پهريون پنج ئي ميچون کٽيون ۽ آخري 5 هارايون، جڏهن تہ لاهور کي آخري ميچ تائين خبر نہ هئي تہ هو ڪواليفاءِ ڪندي يا نہ پر هو ٽورنامينٽ کٽي ويا. صائم ايوب واضح ڪيو تہ ٽيم پنهنجي حڪمت عملي تي قائم آهي ۽ نتيجن بدران عمل تي ڌيان ڏئي رهي آهي، اسان کي نتيجن جي گهڻي ڳڻتي ناهي، اسان کي يقين آهي، باقي سڀ الله جي هٿ ۾ آهي. ڪواليفڪيشن جي امڪانن بابت سوال تي صائم ايوب جو چوڻ هو تہ سندس ٽيم ٻين ٽيمن جي نتيجن تي پاڙڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي ن ٿا. ڪجهہ بہ ناممڪن ناهي. فارم بابت سوال تي هن چيو تہ هو فارم ۽ آئوٽ آف فارم جي تصور تي گهٽو يقين نٿو رکي، ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ پليئر سنو ناهي کيڏندو پر رنسون ٺهي وينديون آهن ۽ ڪڏهن سنو کيڏي رهيو هوندو آهي پر رنسون ناهن ٺهنديون، پر مان پنهنجي بيٽنگ تي ڌيان ڏئي رهيو آهيان، جيڪڏهن مان ناڪام بہ ٿي رهيو آهيان تہ پنهنجي مرضي موجب کيڏندي ناڪام ٿي رهيو آهيان.

بقايا عوامي سوچ 27

هڪ ٻيو اهم رڪارڊ پنهنجي نالي ڪري ورتو. ڇنڇر ڏينهن ڪراچي جي نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ کيڏيل ان ميچ ۾ بابر اعظم 40 بالن تي 43 رن جي اننگز کيڏي جنهن ۾ 3 چوڪا ۽ هڪ ڇڪو شامل هو. ان اننگز دوران هو پي ايس ايل جي تاريخ ۾ 4000 رن ناهيندڙ پهريون رانديگر بڻجي ويو، جڏهن تہ سندس اسٽرائيڪ ريٽ 127.92 رهيو آهي. بابر اعظم اِهو ڪارنامو پنهنجي 105 هين ميچ ۾ حاصل ڪيو. پي ايس ايل جي تاريخ ۾ بابر اعظم جي کاتي ۾ 37 اڌ سينچريون ۽ 2 سينچريون پڻ شامل آهن . بابر اعظم ڪانسواءِ فخر زمان 3018 رنسن سان ٻئي، محمد رضوان 2853 رنسن ٽئين، ريلي روسو 2366 سان پنجين ۽ شعيب ملڪ 2350 رنسن سان ڇهين نمبر تي موجود آهي.

بقايا عوامي سوچ 28

ت ئي ناهي پوندي ۽ مان ننڍپڻ کان ئي ميڪ اپ ناهيان ڪندي. هن چيو تہ ڪجهہ ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن تي ميڪ اپ ٻرو لڳندو آهي ۽ مان بہ انهن مان ئي آهيان. مان فيشل بہ تمام گهٽ ڪرائيندي آهيان. اداڪارا انڪشاف ڪيو تہ منهنجي ماءُ بہ مون کي ڪڏهن ميڪ اپ ڪرڻ نہ ڏنو. مان ڪيمرا لاءِ ميڪ اپ آزمايو پر مون کي نہ وڻيو. مان رڳو ٽنٽ، لائنر ۽ مسڪارو استعمال ڪندي آهيان.

نجي ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي مبينا خودڪشي واري واقعي خلاف احتجاج

مظاهرين ٽول پلازا پرسان مين حيدرآباد روڊ تي ڌرڻو هنيو جتي 20 ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڌرڻو ختم نه ڪيو ويو

ڌرڻي سبب ٽريفڪ سخت متاثر ٿي ۽ مسافرن کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو، مظاهرين

احتجاج ۾ وڏي انگ ۾ شاگرد، عورتون ۽ شهري شرڪت ڪري رهيا آهن ۽ انصاف لاءِ نعريبازي پڻ جاري آهي

ميرپورخاص (رپورٽ سومارسميجو) نجي ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي مبينا خودڪشي واري واقعي خلاف شاگرد تنظيمن، سياسي ۽ سماجي ڌرين جو احتجاج ٻئي ڏينهن به جاري رهيو. مظاهرين ٽول پلازا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڏوڪري ۾ چوپائي مال جي خوراڪ ۽ کير جي واڌ بابت سيمينار منعقد ڪيو ويو

ڊاڪٽر محمد عثمان ڪوڪر، ڊاڪٽر امجد علي ڪوڪر، مالوند قربان کوري، وزير احمد، مشتاق احمد، شاهد حسين ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

جيڪڏهن چوپائي مال جي خوراڪ بهتر ۽ مناسب مقدار ۾ ڏني ويندي ته جانورن جي صحت بهتر رهندي

مالوندن کي گهرجي ته هو پنهنجي جانورن جي خوراڪ تي خاص ڌيان ڏين ته جيئن کير جي پيداوار وڌائي بهتر معاشي فائدو حاصل ڪري سگهجي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ چوپائي مال جي خوراڪ ۽ کير جي واڌ بابت سيمينار منعقد ڪيو ويو. تفصيل موجب ڏوڪري ۾ چوپائي مال جي خوراڪ جي اهميت بابت ويٽرنري اسپتال ڏوڪري ۾ سيمينار ڪرايو ويو سيمينار کي بي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ٽلهار ريجهو ڳوٺ ميان ملوڪ جوڻيجو ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو، هڪ نوجوان زخمي

مرتضيٰ ولد عرس ۽ مشتاق ولد عرس پاران مبينا طور تي شهباز ولد نور محمد جوڻيجو تي حملو ڪيو ويو

جنهن دوران ڪيس مٿي تي ڌڪ لڳڻ سبب ڳنڀير حالت ۾ زخمي ڪيو ويو

ٽلهار (رپورٽ مختياراحمد ملاح) ٽلهار ويجهو ڳوٺ ميان ملوڪ جوڻيجو ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي نئين چونڊيل باڊي پاران فهميده لغاري جي مبينا خودڪشي واري واقعي تي اهم بيان جاري

صدر قلندر بخش لغاري ۽ جنرل سيڪريٽري ابوالحسن نوناڻي جي صدارت هيٺ ٿيل هنگامي گڏجاڻي ۾ واقعي تي گهري ڏک ۽ ڳڻتي جو اظهار

هي واقعو نه رڳو هڪ خاندان لاءِ وڏو سانحو آهي پر پوري سماج لاءِ به اڪ ڪولي چڏيندڙ آهي

پوليس اسٽيشن سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ۾ داخل ڪيل ڪرائم نمبر 58/2026 ۾ اڃا تائين نامزد جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ تي سخت تشويش ظاهر

ميرپورخاص (رپورٽ سومارسميجو) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي نئين چونڊيل باڊي پاران نئين سال جي ميڊيڪل شاگرديائي فهميده لغاري جي مبينا خودڪشي واري واقعي تي اهم بيان جاري ڪيو ويو آهي. صدر قلندر بخش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

نوجوان ناري مائٽن جي مبينا ظلم کان تنگ ٿي مڙس وٽ پهچي وئي، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل

چليا جي ڳوٺ حاجي رمضان ملاح جي رهواسڻ نوجوان ناري ساجد ڏي فضل ملاح مبينا طور مائٽن جي ظلم کان تنگ ٿي پنهنجي مڙس وٽ پهچي وئي

هن پنج مهينا اڳ محمد علي ولد مامون ملاح سان پسند جي شادي ڪئي هئي، جنهن بعد سندس مائٽن زبردستي حملو ڪري ڪيس واپس وٺي ويا. متاثر

هاڻي هوءَ مائٽن جي روين کان تنگ ٿي نڪري پنهنجي مڙس وٽ پهتي آهي ۽ پنهنجي مڙس سان گڏ رهڻ چاهي ٿي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) نوجوان ناري مائٽن جي مبينا ظلم کان تنگ ٿي مڙس وٽ پهچي وئي، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ان سلسلي ۾ چليا جي ڳوٺ حاجي رمضان ملاح جي رهواسڻ نوجوان ناري ساجد ڏي فضل ملاح مبينا طور مائٽن جي ظلم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

مڪلي واسي عبدالله هيجب جاکرو مڪلي پوليس جي زيادتين توڙي سندس پٽن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ خلاف احتجاج

چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سندن پٽن کي بنا جواز گرفتار ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ چالان ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهي آهي

مڪلي ٿاڻي جي ASI مشتاق پنهور 45 هزار روپيه رشوت وٺي پوءِ سندس پٽن کي آزاد ڪيو آهي

شريف شهري آهي، جن سان مڪلي پوليس جو اهڙو ورتاءُ مذمت جوڳو عمل آهي، جيڪو هرگز برداشت نه ڪيو ويندو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) پاڪستان مسلم ليگ ن ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ، پراڻي ورڪر، مڪلي واسي عبدالله هيجب جاکرو مڪلي پوليس جي زيادتين توڙي سندس پٽن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڏنل ڌمڪين خلاف ٺٽي پهچي ڌانهينڌي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

جهمپير لڳ ڪولمبيا فارم تي رهائش پذير پورهيت محمد يوسف جي گهر کي باهه لڳي وئي

جنهن جي نتيجي ۾ گهر ۾ پيل ڪٽڪ سميت سمورو الله تلا سڙي رک ٿي ويو

گهرڀاتين رڳو پنهنجي جان بچائي ورتي آهي، باهه متاثرين هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهن

جن جي اڄان تائين ڪنهن به سار ناهي لڌي، باهه متاثر پورهيت وس وارن کان واهر جي اپيل ڪئي آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گذريل رات دير سان ننڍ ستي جهمپير لڳ ڪولمبيا فارم تي رهائش پذير پورهيت محمد يوسف ولد چاڪر پالاري جي ڪچي گهر کي بجلي جي تار مان اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ گهر ۾ پيل ڪٽڪ سميت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

بدامني ۽ اسٽريٽ ڪرائم ان حد تائين وڌي ويا آهن: مولانا عبدالوهاب بلوچ

وڪري تي سرعام فحاشيءَ جي هلندڙ اڏن تي، سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي وڏي غصي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

جيڪڏهن ڪو مسلمان مسجد وٽ بائيڪ بيهاري جمعة المبارڪ جي نماز پڙهي ٿو ته چور موٽر سائيڪل چوري ڪري ڪٿي پهچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن مولانا عبدالوهاب بلوچ حافظ سليم عاطف چانديو مولانا احمد سومرو مفتي محمد ارشد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن، پنهنجي گڏيل بيان ۾ ورشهر سميت ضلعي ٺٽي جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺن ۾ واٽ ويندي مسافرن ۽ شريف شهرين کان موٽر سائيڪلن موبائلن ۽ روڪ رقم جي ڦرين ۽ چورين جي وارداتن ۾ تازو تيز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8



احمدپور لڳ ڳوٺ ڪلرائي ناريجا ۾ ڳوٺائي جي گهر کي اوچتو باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب سندس گهر ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو، تن جٽڻ مٿان اين سي داخل ڪرائي وئي

نوٽيس وٺي چاٺايل جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

احمدپور (رپورٽر) احمدپور لڳ ڳوٺ ڪلرائي ناريجا ۾ ڳوٺائي جي گهر کي اوچتو باهه لڳڻ سبب سندس گهر ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو. تن جٽڻ مٿان اين سي داخل ڪرائي وئي رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ ڪلرائي ناريجا ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

سيرائي شهر ۾ ڪالهه پيش آيل افسوسناڪ واقعي بعد صورتحال ڇڪتاڻ جو شڪار

جتي مشهور واپاري سيد حاجن شاهه جي ڪريانا دڪان کي باهه لڳڻ سبب ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو

پر افسوس جو انتظاميه پاران هن سنگين واقعي جو ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو

بدين (رجب راهمون) سيرائي شهر ۾ ڪالهه پيش آيل افسوسناڪ واقعي بعد صورتحال ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي وئي آهي. جتي مشهور واپاري سيد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

نشات تنظيم جماعت لواري شريف يونٽ وليج حضرت پير گل حسن شاهه طرفان هڪ محفل جو انعقاد

دين محمد چنا صاحب، نعت خوان محترم نورالدين جوڻيجو ۽ محترم قمرالدين گدو ٽالپر موجود رهيا

عمران عزيز ٽالپر پڻ موجود رهيا. يونٽ ۾ رهندڙ جماعت جي پاڻن ڀرپور شرڪت ڪئي

بدين(رجب راهمون) طريقتي ڪچهري جي عنوان هيٺ نشات تنظيم جماعت لواري شريف يونٽ وليج حضرت پير گل حسن شاهه طرفان هڪ محفل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو ۾ يوم تشڪر ملهايو ويو

شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن پاران امن لاءِ دعائون، پاڪستان جي سفارتي ڪوششن کي ڀرپور ساراهه

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول بي اينڊ آر ڪالوني دادو ۾ يوم تشڪر وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر پوليس گڏيل ڪاروائي

سمنڊ رستي سمگل ٿيندڙ سوپاري ۽ گٽڪا مٽيريل هٿ، 5 جوابدار گرفتار

جوهو ويجهو ٻيڙيءَ تي ڇاپو، 500 ڪلو سوپاري هٿ، پوليس پاران برآمدگي گهٽ ڏيکارڻ جو انڪشاف

ڳاڙهو (رپورٽ: جاويد علي خاصخيلي) ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر پوليس منشيات جي سمگلنگ جي خفيه اطلاع ملڻ تي جوهو ويجهو سمنڊ ۾ گڏيل ڪاروائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

مريد ڪوسو پوليس منشيات سميت هڪ جوابدار نظام اوٺو کي موٽر سائيڪل سميت گرفتار ڪري ورتو

ٻيو جوابدار عارب نالي پوليس تي فائرنگ ڪري فرار ٿي ويو

پوليس روڊ موري لڳ چيڪنگ ڪري رهي هئي ته پوليس هنن کي روڪڻ لاءِ اشارو ڪيو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول چوهڙ جمالي روڊ مريد ڪوسو پوليس منشيات سميت هڪ جوابدار نظام اوٺو کي موٽر سائيڪل سميت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

آمڙا اسٽاپ جي مقام تي مرحوم محمد اسماعيل سومرو جي ايصال ثواب جي لاءِ شاندار ديني اجتماع منعقد

جمعيت علمائي اسلام جا هزارين ڪارڪن، علمائي ڪرام ۽ عام ماڻهو وڏي انگ ۾ شرڪت

معاشري جي سڌاري جي ضرورت تي زور ڏنو اجتماع جي آخر ۾ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ خاص دعا گهري وئي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) آمڙا اسٽاپ جي مقام تي مرحوم محمد اسماعيل سومرو جي ايصال ثواب جي لاءِ شاندار ديني اجتماع منعقد ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي پوليس جون مؤثر ڪاروايون

گذريل هڪ هفتي دوران 55 روپوش ۽ اشتهاري جوابدار قانون جي گرفت ۾ اچي ويا

روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جاري مهم دوران دادو پوليس نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي پوليس جون مؤثر ڪاروايون. گذريل هڪ هفتي دوران 55 روپوش ۽ اشتهاري جوابدار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي پوليس جون مؤثر ڪاروايون

غلام الله شهر ۾ بيهر اينٽي انڪروچمينٽ عملدارن پاران روڊ ڪنارن تي قائم ڪچو پڪيو اڏاوتن خلاف آپريشن جاري

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو جي عملدارن بيهر ڪارروائي تي دڪاندارن جو احتجاج

ٺٽو گهارو ساڪرو روڊ بلاڪ تائرن کي باهيون ٽرئفڪ معطل

غلام الله(رپورٽ بابوجان هنگورجو) غلام الله شهر ۾ بيهر اينٽي انڪروچمينٽ عملدارن پاران روڊ ڪنارن تي قائم ڪچو پڪيو اڏاوتن خلاف آپريشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

اوڏيرولال اسٽيشن ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ارڙي جي وبا ۾ وڌيڪ هڪ ڪيس ظاهر

عبدل پٽ منظور بالادي ڳوٺ حميد بالادي تعداد چار ٿي وئي آهي

ان سميت ٻيا ڪيترائي معصوم ٻارڙا بخار ۾ مبتلا ٿي ويا آهن

اوڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) اوڏيرولال اسٽيشن ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ارڙي جي وبا ۾ وڌيڪ هڪ ڪيس ظاهر عبدل پٽ منظور بالادي جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

گمبٽ لڳ ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين جهيڙو 5 ڄڻا قتل ۽ 10 کان وڌيڪ زخمي

زخمين ۽ لاشن کي گمبٽ گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو جهيڙي سبب علائقي ۾ خوف ڇانيل ۽ علائقي واسي گهرن تائين محدود ضلعي جي پوليس علائقي ۾ لٿل

گمبٽ لڳ حضرت سچل سرمست درگاهه پرسان دراز شريف جي ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ جي نتيجي ۾ سائين داد جوڻيجو لعل خان جوڻيجو پياريل سرڪي نومان علي سرڪي ۽ هڪ عورت سميت 5 ڄڻا ٿڌي تي قتل ٿي ويا

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ لڳ ڳوٺ وريو واهڻ ۾ جوڻيجا برادري جي ٻن ڌرين جهيڙو 5 ڄڻا قتل ۽ 10 کان وڌيڪ زخمي زخمين ۽ لاشن کي گمبٽ گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو جهيڙي سبب علائقي ۾ خوف ڇانيل ۽ علائقي واسي گهرن تائين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ايڊوڪيٽ غلام صديق سومرو جو سالو ماسٽر منظور سومرو تحويل علالت بعد هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو

جنهن جي جنازي اوڏيرولال اسٽيشن ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت

سنڌس پونئيرن ايڊوڪيٽ غلام صديق سومرو ۽ ٻين سان اوڏيرولال اسٽيشن ۾ تعزيت جو سلسلو جاري

پونئيرن ايڊوڪيٽ غلام صديق سومرو ۽ ٻين سان اوڏيرولال اسٽيشن ۾ تعزيت جو سلسلو جاري

اوڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) اوڏيرولال اسٽيشن شهر جو رهواسي ايڊوڪيٽ غلام صديق سومرو جو سالو ماسٽر منظور سومرو تحويل علالت بعد هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي اوڏيرولال اسٽيشن ۾ ادا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

آئي جي سنڌ پنهنجي پاءِ سردازاد رضوان خان اوڊو سان گڏجي جيڪب آباد جي جکراڻي هائوس پهتو

ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ مير خالد خان جکراڻي سان سندن والد مرحوم مير بابل خان جکراڻي جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو

مرحوم مير بابل خان جکراڻي هڪ سٺو سياستدان هو هُن جون جيڪب آباد جي ترقي لاءِ خدمتون شامل آهن

ڪراچي جي امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي گذريل ٻن مهينن کان 18 سيڪٽرو ڏوهن ۾ گهٽتائي آئي آهي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد آئي جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو پنهنجي پاءِ سردازاد رضوان خان اوڊو سان گڏجي جيڪب آباد جي جکراڻي هائوس پهچي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ مير خالد خان جکراڻي سان سندن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڪوٽڙي: انتظاميا جي بي ڌياني سبب روڊ تي گندو پاڻي بيٺل آهي

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن پاران بي سيڪشن پوليس جي گهرن تي چڙهائي ۽ مردن توڙي عورتن کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

بغير فيميل پوليس اهلڪارن جي ڳوٺ محرم علي سنجراڻي لڳ اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري اسان جي چاچي دودي سميت اسان سڀني کي ٽاٽي تي ڪٽي وئي

پوليس ڪاهه دوران گهر ۾ رکيل 2 لک روپيا روڪ رقم کڻي وئي. ياڳيري جي ڳچي ۾ پاتل سوني چين لاهي ورتي ۽ هڪ موٽر سائيڪل ڪاهي وئي

ثناءُ الله ميمڻ اسان جي خلاف زمين جي وڪري جو ڪوڙو ايگريمينٽ ٺهرائي، اسان جي خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن پاران بي سيڪشن پوليس جي گهرن تي چڙهائي ۽ مردن توڙي عورتن کي گرفتار ڪري ٽاٽي تي ڪٽي وڃڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهري بعد پريس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن پاران بي سيڪشن پوليس جي گهرن تي چڙهائي ۽ مردن توڙي عورتن کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

گرهوڙ شريف جو رهواسي امداد علي هاليپوٽو زرعي زمين تي قبضي ۽ ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج

منهنجي ڏاڏي دوس محمد هاليپوٽو جي نالي تي ٽنڊوالهيار جي ڪامارو شريف اسٽيشن لڳ ديهه اڪيار ۾ سروي نمبر 28/29 موجب اٺ ايڪڙ ست گهنٽا زرعي زمين آهي

جنهن ۾ دوس محمد جي حصي جو 21 پئسا حصو هڪ ايڪڙ ساڍا 28 گهنٽا ايراضي ٿئي ٿي

اسين مذڪوره زمين جا جائز وارث آهيون جنهن تي هن وقت سعود احمد ولد محمد هاشم درس زبردستي قبضو ڪري ويٺو آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) گرهوڙ شريف جو رهواسي امداد علي هاليپوٽو زرعي زمين تي قبضي ۽ ڌمڪيون ڏيڻ خلاف ٻارن جي ڌانهن ڪٺي پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي امداد علي هاليپوٽو چيو ته من/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

پي ايس ايل: قسمت لاهور قلندرز کان رُٺل، مسلسل شڪستن ڪانپوءِ اهم پرڏيهي رانديگر ٽورنامينٽ مان ٻاهر

پي ايس ايل فرنچائز لاهور قلندرز کي وڏو ڌڪو لڳي ويو ۽ اهم پرڏيهي بيٽر پرويز حسين ايمان انجري سبب ٽورنامينٽ مان ٻاهر ٿي ويو

لاهور قلندرز جي ترجمان پاران بنگلاديشي وڪيٽ ڪيپر بيٽر جي پي ايس ايل مان ٻاهر ٿيڻ جي تصديق، پرويز حسين ايمان ڪلهي جي انجري سبب ليگ مان ٻاهر ٿي ويو

پرويز حسين ملتان سلطانز خلاف ميچ ۾ آصف علي سان ٽڪرائڻ سبب ان فٽ ٿي پيو هو جڏهن ته هاڻ ڪيس ٽيم مان رليز ڪيو ويو آهي

لاهور (اسپورٽس نيوز) پاڪستان سپر ليگ (پي اي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

صفا مس يونيورس جهڙي ٿي لڳي! نوازالدين صديقي جي ڌيءَ جي سونهن جا چرچا

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ اداڪار نوازالدين صديقي جي ڌيءَ شوري جي وڊيو وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ سوشل ميڊيا واپيدارن ڪيس اڳوٺي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪنگ بابر اعظم پاڪستان سُپر ليگ جي تاريخ جو وڏو اعزاز ماڻي ورتو

ڪراچي جي نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ کيڏيل ان ميچ ۾ بابر اعظم 40 بالن تي 43 رن جي اننگز کيڏي

3 چوڪا ۽ هڪ ڇڪو شامل هو، ان اننگز دوران هو پي ايس ايل جي تاريخ ۾ 4000 رن ناهيندڙ پهريون رانديگر بڻجي ويو

ڪراچي (اسپورٽس نيوز) پشاور زلمي جي ڪپتان بابر اعظم پاڪستان سپر ليگ (پي ايس ايل 11) ۾ لاهور قلندرز خلاف ميچ دوران/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

نتيجن جي پرواهه ناهي، غلطين مان سکي رهيا آهيون، باقي الله مالڪ آهي: صائم ايوب

ڪراچي (اسپورٽس نيوز) پاڪستان سپر ليگ جي فرنچائز حيدرآباد ڪنگز مين جي نمائندگي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ايڏي سُهڻي آهيان جو ميڪ اپ ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي پوندي: حنا آفريدي

مان ايتري خوبصورت آهيان جو ميڪ اپ ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي پوندي ۽ مان ننڍپڻ کان ئي ميڪ اپ ناهيان ڪندي

ڪجهه ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن تي ميڪ اپ بُرو لڳندو آهي ۽ مان به انهن مان ئي آهيان، مان فيصلو به تمام گهٽ ڪرائيندي آهيان

ڪراچي (شوبز نيوز) ناليواري اداڪارا حنا آفريدي دعويٰ ڪئي آهي ته مان ڊرامن جي شوٽنگ دوران ميڪ اپ ناهيان ڪندي. هڪ بيان ۾ حنا آفريدي چيو ته مان ايتري خوبصورت آهيان جو ميڪ اپ ڪرڻ جي ضرور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28